Reg No 2677
ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد :11	اڱارو 12 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 25 صفر 1445هه	شمارو: 324	قيمت10 رپيا

پاڪستان پنهنجي زمين جي اندر ڪنهن ٻئي ملڪ جي تعميرات کي قبول نٿو ڪري سگهي: پرڏيهي آفيس ترجمان

طورخم بارڊر جي صورتحال تي افغان پرڏيهي وزارت جو بيان حيران ڪندڙ آهي، 6 سيپٽمبر تي افغان فوجين پاڪستاني چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو: ممتاز زهرا بلوچ

پاڪستاني حدن جي اندر افغانستان جي تعميرات پاڪستان جي خودمختاري جي ڀڃڪڙي آهي، افغان فوجين طورخم بارڊر جي ٽرمينل کي نقصان پهچايو

افغان فورسز جي فائرنگ پاڪستاني ۽ افغان شهرين جي حياتين کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن کين تعمير کان روڪيو ويو ته انهن فائرنگ شروع ڪري ڏني

اهڙي قسم جون ڀڃڪڙيون ۽ فائرنگ قبول نه ڪنداسين. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي تجزياتي ٽيم به پنهنجي رپورٽ ۾ اهڙي ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي

اسان هميشه چيو آهي ته اسان جي خواهش آهي ته افغانستان سان گڏ سرحد ٻنهي ملڪن وچ ۾ امن ۽ دوستي جي سرحد هجي، افغان سرحد تي مقرر افغان فوجين طرفان مسلسل ڇڙ ڏيارڻ باوجود صبر جو مظاهرو ڪيو آهي

پاڪستان سمورن ٻطرفن مسئلن ۽ خدشن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن ٻئي ملڪ اقتصادي رابطن ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ خوشحالي جو فائدو کڻي سگهن

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي زمين جي اندر ڪنهن به ٻئي ملڪ جي تعميرات کي قبول نٿو ڪري سگهي. طورخم بارڊر جي صورتحال تي افغان پرڏيهي وزارت جو بيان حيران ڪندڙ آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو هو ته افغان حڪومت بارڊر جي بندش جي سببن کان چڱي ريت واقف آهي. پاڪستان پنهنجي زمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار بريفنگ ڏئي رهي آهي

زرعي شعبي جي ترقي ۽ بهتري صوبائي حڪومت جي ترجيح آهي: نگران وڏو وزير

حڪومت پاڪستان تازو ئي هڪ اعليٰ سطحي "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيسن ڪائونسل" قائم ڪئي آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

ايپڪس ڪميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان هو شگر انڊسٽري سميت سنڌ جي زرعي شعبي جي پيداوار ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري لاءِ پرعزم آهي

عوام جي بهتر زندگي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ تي پڪو يقين رکون ٿا، جيڪي معيشت جي بدحالي سبب وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏئي رهيا آهن

پي ايس ٽي جو بنياد شگر ٽيڪنالاجي جي ماهرن ۾ آگاهي پکيڙڻ جي بنيادي مقصد لاءِ رکيو ويو هو

23-2022 ع جي سيزن ۾ لڳ ڀڳ 290000 هيڪٽر ايراضي تي ڪمند پوکيو ويو، مجموعي طور 16.8 ملين ميٽرڪ ٽن ڪمند جي ڪرشنگ ٿي

گذريل سال 22-2021 جي ڀيٽ ۾ کنڊ جي پيداوار ۾ اٽڪل 0.33 ملين ميٽرڪ ٽن اضافو ٿيو آهي جنهن سان کنڊ جي ڪل پيداوار 2.08 ملين ميٽرڪ ٽن تي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته شگر انڊسٽري سميت زرعي شعبي جي ترقي ۽ بهتري صوبائي حڪومت جي ترجيح آهي. هن چيو ته حڪومت پاڪستان تازو ئي هڪ اعليٰ سطحي "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيسن ڪائونسل" قائم ڪئي آهي ته جيئن گلف ڪوآپريشن ڪائونسل (GCC) ملڪن سان دفاع، زراعت، معدنيات، آئي ٽي ۽ توانائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

جڙانوالا سانحي جي ذميوارن کي نه بخشيو ويندو، انتها پسندي جو خاتمو ضروري آهي: نگران وزيراعظم

سموري رياستي مشينري اقليتن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان ساڻن گڏ بيٺي آهي: انوارالحق ڪاڪڙ

اسان جو آئين ذات پات، رنگ ۽ نسل جي فرق ڪانسواءِ سمورن شهرين کي سماجي مذهبي، سياسي ۽ معاشي حق ڏئي ٿو

اقليتي برادري پنهنجا وسيلا ۽ تجويز حڪومت تائين پهچائي، جيترو ممڪن ٿيو مسئلا حل ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزير اعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان مسيحي برادري جي وفد ملاقات ۽ جڙانوالا سانحي تي وقت سر قدم کڻڻ تي ٿورا مڃيا آهن. وفد سان ڳالهائيندي وزير اعظم چيو ته سموري رياستي مشينري اقليتن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان ساڻن گڏ بيٺي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اقليتن کي تمام بنيادي حق حاصل آهن ۽ اسان جو آئين ذات پات، رنگ ۽ نسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ مسيحي برادري جي وفد سان ملاقات بعد اجلاس ڪندي

آءِ ايم ايف ۽ حڪومت وچ ۾ گئس سيڪٽر جي گردشي قرض اسڪيم تي فيصلو نه ٿي سگهيو

آءِ ايم ايف ڊيويڊنڊ پلگ ان بيڪ اسڪيم جو مسودو گهرائي کو جواب ناهي ڏنو: ناڻي وزارت ذريعا

پاڪستان ڊيويڊنڊ پلگ اِن بيڪ اسڪيم ذريعي گئس سيڪٽر جو گردشي قرض چار سئو ارب رپيا گهٽائڻ جو پلان ڏنو هو

پاڪستان اختيارين آءِ ايم ايف سان ڊيويڊنڊ پلگ ان بيڪ اسڪيم کي اقتصادي جائزي ۾ ٻيهر پيش ڪنديون

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف ۽ ناڻي واري وزارت وچ ۾ گئس سيڪٽر گردشي قرض گهٽائڻ جي اسڪيم تي ڪو فيصلو نه ٿي سگهيو ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب، آءِ ايم ايف ڊيويڊنڊ پلگ ان بيڪ اسڪيم جو مسودو گهرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ وڌيڪ گهٽتائي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ وڌيڪ گهٽتائي ڏسڻ ۾ آئي. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 45 پئسا سستو ٿيڻ بعد 301 رپيا 50 پيسا تي ويو. ڊالر پنهنجي بلند ترين سطح کان 5 رپيا 60 پئسا گهٽجي ويو آهي. گذريل ڪاروباري هفتي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر سان ترڪمانستان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

جمهوريت ۽ عوام جي حڪمراني جو فلسفو باني پاڪستان جو آهي: آصف زرداري

پاڪستان جو باني انساني آزادي جو علمبردار هو، قائداعظم غير مسلم شهرين لاءِ به محفوظ ملڪ ٿاهيو

قائداعظم جي نظريي جي بنياد تي قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو شهيد 1973 ع جو آئين ٺاهيو

1973 ع پاڪستان جي بقا جو ضامن آهي، 18هين آئيني ترميم وفاق ۽ وفاق وچ ۾ مضبوط رشتو آهي

ڪراچي (رپورٽر) قائداعظم جي ورسي تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو پيغام ۾ ڪي پيٽا پيش ڪئي ۽ چيو ته جمهوريت ۽ عوام جي حڪمراني جو فلسفو باني پاڪستان جو فلسفو آهي. پاڪستان جو باني انساني آزادي جو علمبردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سڄي ملڪ ۾ قائداعظم محمد علي جناح جو 75 هون جنم ڏينهن ملهايو ويو

قائداعظم جي قيادت ڪانسواءِ مسلمانن لاءِ آزاد رياست جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهي ها: نگران وزيراعظم

پاڪستان هن وقت مشڪل دور مان گذري رهيو آهي، اسان کي اختلاف ختم ڪري پاڪستان جي ترقي لاءِ ڏينهن رات گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي 75 هين ورسي اڄ ملهائي پئي وڃي. برصغير جا مسلمان باباءِ قوم جي پرجوش قيادت ۾ وجود ۾ آيا. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته قائداعظم جي قيادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان جو باني قائداعظم محمد علي جناح

پشاور ۾ ڌماڪو، فرنٽيئر ڪور جي گاڏي نشانو

ڌماڪي کان پوءِ فوري طور تي قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو

ڌماڪو ورسڪ روڊ تي فرنٽيئر ڪور جي گاڏي تي ٿيو: ايس پي ورسڪ ارشد خان

پشاور (م ڊ) پشاور جي ورسڪ روڊ تي ڌماڪو ٿيو آهي، جنهن جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو آهي. پشاور پوليس جو چوڻ آهي ته ڌماڪي ۾ سڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آءِ جي اسلام آباد جا وارنٽ جاري، گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم

جسٽس مرزا وقاص رئوف قيصره الاهي جي درخواست تي لکت ۾ حڪم جاري ڪيو

ڪورٽ سڀاڻي آءِ جي اسلام آباد کي 18 سيپٽمبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) اسلام آباد جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. جسٽس مرزا وقاص رئوف قيصره الاهي جي درخواست تي لکت ۾ حڪم جاري ڪيو. لاهور هاءِ ڪورٽ توهين عدالت ڪيس ۾ اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي، 100 انڊيڪس 35 پوائنٽن جي گهٽتائي

ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 35 پوائنٽن جي گهٽتائي سان 45 هزار 977 تي اچي ويو

گذريل ڪاروباري هفتي جي آخر ۾ 100 انڊيڪس 46 هزار 13 پوائنٽس تي بند ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ منفي رجحان ڏٺو ويو آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 35 پوائنٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ جي نگران قانون واري وزير پاران اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ هيڊ ڪوارٽر جو دورو

بئريسٽر عمر سومرو جي ڪمانڊنٽ ايس ايس يو ڊاڪٽر فرخ علي ۽ اعليٰ آفيسرن آجيان ڪئي

ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد پڻ نگران قانون واري وزير جو استقبال ڪيو

دوري دوران نگران صوبائي وزير کي ڊي آءِ جي سيڪيورٽي سنڌ قانون واري وزير کي يادگاري شيلڊ پڻ پيش ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران قانون واري وزير بئريسٽر عمر سومرو اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ هيڊڪوارٽر جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڪمانڊنٽ ايس ايس يو ڊاڪٽر فرخ علي ۽ اعليٰ آفيسرن سندس آجيان ڪئي. نگران قانون واري وزير سنڌ SSU جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو ۽ ايس ايس يو جي موجوده پيشه ورانه ۽ انتظامن کي ساراهيو. ڪمانڊنٽ SSU ڊاڪٽر فرخ علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: سنڌ جو نگران قانون وارو وزير بئريسٽر عمر سومرو اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ هيڊ ڪوارٽر جي دوري دوران ويٺل آهي

پاڻي جي منتقلي خلاف ڪاروائي سميت عوامي مسئلا حل ڪرڻ جي هدايت

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي روينيو آفيسرن سان اهم گڏجاڻي. اسپتالن ۽ اسڪولن جو دورو ڪري جائزو وٺڻ جي هدايت. ضلعي کي ملندڙ پاڻي جي ڪوٽا ٻين ضلعن ۾ منتقل ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم. عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ٿيڻ گهرجن. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

غير قانوني افغانين خلاف ڪارروايون، 121 ڄڻا گرفتار

ڪورنگي جي مختلف علائقن مان 45 افغانين کي گرفتار ڪيو ويو

ملير ضلعي مان 14 جڏهن ته سٽي پوليس 9 افغانين کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس شهر جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني افغان شهرين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي 121 ڄڻن کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

مولانا جو گورنر مقرر ٿيڻ کان پوءِ هو مهانگائي کي وساري ويٺو: سراج الحق

جيڪڏهن قوم جي ڳالهه نه ٻڌي وئي ته شٽر ڊائون هڙتال يا اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻيو ويندو

منهنجو جهيڙو ملڪ ۾ ڪرپشن، جهالت، مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خلاف آهي

ڏکڻ پنجاب جڏهن جاڳندو آهي ته دنيا جي ڪا به طاقت ان جي مخالفت نٿي ڪري سگهي

مظفرگڙهه: (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق مولانا فضل الرحمان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته جڏهن مولانا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جماعت اسلامي امير سراج الحق

خيبر ۾ دستي بم ڌماڪو، هڪ ڄڻو فوت

پاڪ افغان هاءِ وي تي خيبر بازار ويجهو دستي بم ڌماڪو ٿيو

دستي بم ڌماڪي سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو: پوليس

خيبر (م ڊ) خيبرپختونخواهه صوبي جي ضلعي خيبرپختونخواهه ۾ پاڪ افغان هاءِ وي تي خيبر بازار ويجهو دستي بم ڌماڪو ٿيو. خيبر پوليس موجب دستي بم ڌماڪي سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو. خيبر پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي ڪانپوءِ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پ پ قائداعظم جي سياسي فڪر ۽ فلسفي تي عمل ڪندي: بلاول

قائداعظم صدين ۾ پيدا ٿيندڙ ڪرشماتي ليڊر ۽ سياسي حڪمت عمليءَ جو مالڪ هو

پيپلز پارٽي قائداعظم جي سياسي فڪر ۽ فلسفي تي عمل ڪري رهي آهي: پ پ چيئرمين

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قائداعظم جي 75 هين ورسي تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته قائداعظم صدين ۾ پيدا ٿيندڙ ڪرشماتي ليڊر ۽ سياسي حڪمت عمليءَ جو مالڪ هو باباءِ قوم جي سالگرهه جي موقعي تي جاري ڪيل بيان ۾ پ پ چيئرمين چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي قائداعظم جي سياسي فڪر ۽ فلسفي تي عمل ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي ڪڏهن به آئين ۽ پارليامينٽ جي بالادستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو (فائيل فوٽو)

صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سيڪريٽري صحت کان رانڀي پور واقعي جا تفصيل طلب ڪري ورتا

ضلعي هيلٿ آفيسر خيرپور کي فوري طور تي سيڪريٽري صحت کي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت

واقعي ۾ لاپرواهي ڪندڙ ڊاڪٽرن خلاف ماهرن تي ٻڌل انڪوائري ڪميٽي جوڙڻ جو به حڪم ڏنو ويو

سيڪريٽري کي ٻڳ فور ذريعي سمورن خانگي صحت جي ادارن کان 3 سالن جي آڊٽ رپورٽ تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ واري نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سيڪريٽري صحت کان رانڀي پور واقعي جا تفصيل طلب ڪري ورتا آهن ۽ ضلعي هيلٿ آفيسر خيرپور کي فوري طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاڪستان پوسٽ آفيس سوسائٽي اي 36 جون چونڊون 2 مهينن ۾ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪيس جي ٻڌڻي دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڊمنسٽريٽر کي سوسائٽي جي معاملن ۾ مداخلت کان روڪي ڇڏيو

سوسائٽي جو سمورو رڪارڊ اليڪشن ڪمشنر حوالي، عدالت پاران چونڊون ڪرائڻ ڪانپوءِ رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاڪستان پوسٽ آفيس ورڪرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي 36/A جي ميمبرن پاران مينيجنگ ڪميٽي پاران درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواست گذارن جي وڪيل ايڊووڪيٽ عامر عزيز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پنجاب ۾ ملازمن جي اجرت 32 هزار رپيا ڪرڻ جي منظوري

نگران وڏي وزير محسن نقوي فوري طور نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ملتان ۾ ٿيل ڪابينا جي اجلاس ۾ 39 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو

ملتان (م ڊ) پنجاب جي نگران ڪابينا مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32 هزار رپيا ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نگران وڏي وزير محسن نقوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نوجوانن کي مفت جديد آئي ٽي اسڪلز فراهم ڪري بااختيار بڻائڻو آهي: حارث نواز

بنو قابل 2 پروگرام جي تحت 30000 شاگرد گريجوئيشن ڪري سگهن ٿا: صوبائي وزير

غير سرڪاري ۽ ڀلائي جي تنظيمن ملڪ ۽ ان جي عوام جي ترقي لاءِ ڪم ڪيو آهي

صوبي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيلن ۽ سنڌن سهولتڪارن خلاف جلد آپريشن شروع ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) گهرو ۽ جيل کاتي جي صوبائي وزير بريگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته "بنو قابل" قدم سان باصلاحيت شاگردن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ سان واقفيت حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪرڻ سان گڏو گڏ انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ضلعي ڏکڻ ڪراچي جي پنجن سب ڊويزنن ۾ مڇر مار مهم شروع ڪئي وئي، ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪيپٽن رٽائرڊ الطاف حسين

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ جي هدايتن تي ڊينگي جي وڌندڙ ڪيسن کي نظر ۾ رکندي ضلعي ڏکڻ ۾ ڊينگي ڪنٽرول پروگرام تحت مڇرن جي نسل کي ختم ڪرڻ لاءِ اسپري مهم شروع ڪئي وئي آهي. جنهن سان مليريا ۽ ڊينگي جي روڪٿام ۾ مدد ملندي ۽ لاروا جي واڌ کي ختم ڪرڻ ۾ پڻ اثرائتو ثابت ٿيندو. ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: گهرو ۽ جيل کاتي وارو صوبائي وزير بريگيڊيئر (ر) حارث نواز تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

چين راند جي ڪجهه ضابطن کي تبديل ڪري پيو: جو بائيڊن

20 اجلاس ۾ يوڪرين ۾ پائيدار امن جي ضرورت تي اتفاق ٿي ويو آهي

اسان چين کي الڳ ڪرڻ يا بيجنگ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيا آهيون

چين کي قاعدن ۽ ضابطن سان معاشي طور ڪامياب ڏسڻ چاهيان ٿو

ممبئي (م ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڊن جي 20 سربراهه اجلاس ۾ شرڪت ڪانپوءِ پارٽ ڪان ويٽنام پهچي ويو پنهنجي تازي بيان ۾ جو بائيڊن چيو ته چين راند جي ڪجهه ضابطن کي تبديل ڪري رهيو آهي، خابرو اداري موجب هنوئي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عملي طور سنڌ ڌاڙيلن رهزنن ۽ مختلف مافياز جي حوالي آهي: مولانا اسدالله ڀٽو

عملي طور سنڌ ڌاڙيلن رهزنن ۽ مختلف مافياز جي حوالي آهي

ڪراچي جهڙي شهر ۾ رهزني جي وارداتن ۾ 50 ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي مرڪزي نائب امير اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي ته حڪومت تبديل ٿيڻ باوجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سياست ۾ ايندڙ 10 ڏينهن دوران اهم فيصلا ٿيڻ جو امڪان آهي: شيخ رشيد

جيڪي 16 مهينن جي لاءِ غريب کي ريليف ڏيڻ آيا هئا اهي غريبن کي تڪليفون ڏئي پرڏيهه روانا ٿي ويا آهن

16 مهينن ۾ هنن پنهنجا سمورا ڪيس به ختم ڪرايا ۽ ملڪ جي ناڻي جي ڦرلٽ به ڪئي هنن غريب کي اونداهي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو

جيڪي چوندا هئا اسان رياست بچائڻ آيا آهيون انهن رياست کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو. چوڻ ته عوام جو نالوئي رياست آهي

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته پاڪستان جي سياست ۾ ايندڙ 10 ڏينهن اهم آهن. انهن 10 ڏينهن ۾ اهم فيصلا ٿيڻ جو امڪان آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

8 ڪروڙ يونٽن جي بجلي چوري جي خبر پئجي وئي: راشد لنگڙيال

بجلي چوري ۾ ملوث 194 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: سيڪريٽري پاور

بجلي چوري تي هن وقت تائين 352 ملين رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بجلي چوري جي حوالي سان سيڪريٽري پاور راشد لنگڙيال چيو آهي ته 8 ڪروڙ يونٽ بجلي چوري جو پتو لڳايو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ممبئي: آمريڪي صدر جو بائيڊن جي 20 سربراهه اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

نگران حڪومت 2022 جي تباهي واري ٻوڏ جي متاثرين جي گهرن جي تعمير تي خاص توجهه ڏئي پئي: يونس ڍاڳا

اسان جي ڪوشش آهي ته ٻوڏ متاثرن لاءِ گهرن جي اڏاوت جو ڪم تيزيءَ سان مڪمل ڪيو وڃي

پينشن جي بجيٽ ۾ آهسته آهسته اضافو ڪيو ويندو، حڪومت جو مينڊيٽ محدود آهي

روينيو کاتي جي خرابين کي سائنسي بنيادن تي ڪمپيوٽرائيزيشن ذريعي بهتر ڪيو وڃي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صوبائي وزير ناڻي، روينيو رٿابندي ۽ ترقي محمد يونس ڍاڳا سندس آفيس ۾ سائنس ملاقات ڪرڻ لاءِ آيل صحافين سان ملاقات جي موقعي تي چيو آهي ته نگران حڪومت صوبي ۾ 2022 جي تباهي واري ٻوڏ جي متاثرين جي گهرن جي تعمير تي خاص توجهه ڏئي رهي آهي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن جي بحالي جو ڪم نيڪ نيتي سان شروع ٿيو پر ان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ميڊيا غلط رپورٽنگ ڪئي، آئيني معاملن ۾ قاسائي عدالت جو امتحان ورتو ويو: چيف جسٽس

فيبروري 2023 ع ۾ سپريم ڪورٽ جي سامهون ڪيترائي آئيني ڪيس آيا، آئيني اشوز ۾ منجهائي عدالت جو امتحان ورتو ويو

هڪ سال ۾ سپريم ڪورٽ رڪارڊ 23 هزار ڪيس اڪلايا آهن، ان کان اڳ هڪ سال دوران اڪلايل ڪيسن جو وڌ کان وڌ انگ 18 هزار هو

نئين آيل چيف جسٽس کان مختلف راءِ ٿي سگهي ٿي پر نئون آيل چيف جسٽس قابل تعريف شخص آهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي ته آئيني معاملن ۾ قاسائي سپريم ڪورٽ جو امتحان ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بلديه فيڪٽري، رحمان ڀولا ۽ زبير چريا جي درخواست رد، صديقي بري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بلديا فيڪٽري سانحي ڪيس ۾ جوابدارن رحمان ڀولا ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر عارف علوي نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر گوهر عبدالله ملڪ کي عهدي جو حلف کڻائيندي

گھوٽڪي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي روينيو آفيسرن سان اهم گڏجاڻي

يوريا جي ڪوٽا ٻين ضلعن ۾ منتقل ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم

عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ٿيڻ گھرجن : ڊپٽي ڪمشنر آغا شير زمان

اسان جو بنيادي فرض بہ عام ماڻھن کي ٻڌي سندن داد رسي ڪرڻ آهي

گھوٽڪي (د ر) گھوٽڪي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي روينيو آفيسرن سان اهم گڏجاڻي، اسپتالن ۽ اسڪولن جو دورو ڪري جائزو وٺڻ جي هدايت. ضلعي ڪي ملندڙ يوريا جي ڪوٽا ٻين ضلعن ۾ منتقل ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گھوٽڪي : ڊپٽي ڪمشنر آغا شير زمان اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪڍڻ ۾ نوتيار برادري پاران جهيڙو ڪري
زخمي ڪيل ربو جت بشير جت جا جوابدار
گرفتار نہ ڪرڻ خلاف احتجاج

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪڍڻ ۾ نوتيار برادري جي ماڻھن طرفان جهيڙو ڪري زخمي ڪيل ربو جت بشير جت جا جوابدار گرفتار نہ ڪرڻ خلاف جت برادري جي ماڻھن جو نظير احمد عبدالرحيم جت دلبر جت منور جت نور عالم جت عبدالڪريم جت شاهنواز قلندر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عوامي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سجاول جي گيجھو روڊ تي حادثو، هڪ ئي گھر جا ٽي ڀاتي فوت

فقير گولائي وٽ ڪار ۽ ٽرڪ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ سبب حادثو پيش آيو

عبدالرحيم پناڻ، مسمات فيروزه ۽ 4 سالا معصوم عبدالله پناڻ موقعي تي فوت ٿي ويا

سجاول(رپورٽ ممتاز علي ٿهڙيو) سجاول جي گيجھو روڊ تي حادثو، هڪ ئي گھر جا ٽي ڀاتي فوت. فوتين جي لاشن کي تفصيلن موجب سجاول سول اسپتال آندو ويو. سجاول پرسان چوهڙ جمالي روڊ تي فقير گولائي وٽ ڪار ۽ ٽرڪ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ سبب چوهڙ جمالي جا رهواسي عبدالرحيم پناڻ، مسمات فيروز ۽ 4 سالا معصوم عبدالله پناڻ موقعي تي فوت ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ پيپلز پارٽي جي ضلعي قيادت پاران جيالن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف ريلي

پارٽي جي ورڪرن پريل قذاق ۽ رشيد پنھور پاران 35 هين ڏينھن بہ سرڪاري نوڪريون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سڄي زندگي پ پ کي ڏئي ڇڏي پر ضلعي قيادت اسان ۽ اولاد کي ڪا بہ سرڪاري نوڪري نہ ڏني آهي : مظاهرين

قرباني ڏيندڙ ورڪرن کي نوڪريون ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پيپلز پارٽي جي ضلعي قيادت پاران جيالن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف پارٽي جي ورڪرن پريل قذاق ۽ رشيد پنھور پاران 35 هين ڏينھن بہ سرڪاري نوڪريون نہ ملڻ خلاف دادو پريس ڪلب دادو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي هنن دانهيو تہ سڄي زندگي پيپلزپارٽي کي ڏئي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو : پ پ جا جيالا نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو : ايس ايڇ او الھڏنو پنھور ۽ هيڊ محرر
دوست گاڏار تي عدالت ۾ ڪيس پراپرٽي
پيش نہ ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي ٽين سول جج ٺٽو ايس ايڇ او ٺٽو الھڏنو پنھور ۽ هيڊ محرر دوست گاڏار تي عدالت ۾ ڪيس پراپرٽي پيش نہ ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. عدالت سگھوري سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايس ايڇ او ٺٽو الھڏنو پنھور ۽ منشيات فروشن جي سهولتڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

شهدادڪوٽ ۾ پوليس اهلڪارن جي مبينا تشدد بعد ڪوما ۾ ويل نوجوان فوت، وارثن پاران ڌرڻو

فوت ٿي ويل نوجوان فرزند رند سان انصاف لاءِ وارثن، برادري جي ماڻھن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين پاران احتجاج ڪيو ويو

اسان جي نوجوان تي پوليس اهلڪارن وحشياڻو تشدد ڪري سخت زخمي ڪيو هو، جنهن بعد نوجوان ڪوما ۾ ويو هو : مظاهرين

اسان جو نوجوان جناح اسپتال ڪراچي ۾ نوجوان فرزند رند زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي، انصاف ڏياريو وڃي

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ سي آءِ اي پوليس اهلڪارن جي مبينا تشدد بعد ڪوما ۾ ويل نوجوان ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت وارثن ۽ برادري جي ماڻھن جو لاش رکي ڌرڻو، شهدادڪوٽ ۾ بہ هفتا اڳ سي آءِ اي پوليس ٿمبر جي انچارج منظور چانڊيو پوليس اهلڪارن امام بخش چانڊيو سڪندر چانڊيو ۽ الطاف چانڊيو هٿان مبينا سخت وحشياڻي تشدد ۾ ڪوما /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊوباگو پرسان پرائمري اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ محمد رحيم دل جي پرائمري اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف رهواسين احتجاجي مظاهرو ڪيو

صبح جو جيئن اسڪول تي پهتاسين تہ اسڪول جي ڪمري جا تالا ٽٽل هئا : هيڊ ماستر عطا حسين لاشاري

نامعلوم چور اسڪول جي ڪمري جا تالا ٽوڙي اسڪول جي ڪمري مان سولر پليٽ ۽ ٻيو سامان کڻي ويا آهن

ٽنڊوباگو(رپورٽ سهيل سمون/ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ محمد رحيم دل جي پرائمري اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف اسڪولي شاگردن ۽ استادن جو احتجاجي مظاهرو. چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو باگو : ڳوٺاڻا اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ نافرمان پٽن پاران پيرسن
والدين کي تشدد بعد گھران
ڪڍي ڇڏيو، اسپتال داخل

سکر (بيورو رپورٽ) نافرمان پٽن پاران پيرسن والدين کي تشدد بعد گھران ڪڍي ڇڏيو اسپتال داخل، زخمي پيرسن جوڙي مسمات نظيران ۽ عيدن چوهاڻ سکر سول اسپتال ڪان ڪجھ دير لاءِ سکر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي تہ روهڙي تعلقي دبر ٿاڻي جي حد ڳوٺ يارو لباڻو ۾ رهندا آهيون نافرمان پٽن گلزار ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شيخ پرڪيو فاران شگر مل انتظاميا ۽ مزدور يونين اڳواڻن ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي

ملز انتظاميا يونين جي ميمبر اميد علي ٿهيم کي حق گھرڻ تان مل مان نيڪالي ڏئي ڇڏي

ملز انتظاميا جي ناجائزين خلاف مزدور يونين جي گڏجاڻي، قانوني ويڙھ جو فيصلو

اسان ليبر ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي اميد آهي جلد مزدورن کي حق ڏيارينداسين : اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(د ر مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو فاران شگر مل انتظاميا مزدور يونين اڳواڻن ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي. ملز انتظاميا يونين جي ميمبر اميد علي ٿهيم کي حق گھرڻ تان مل مان نيڪالي ڏئي ڇڏي، پيپلز مزدور يونين پاران ملز انتظاميا خلاف قانوني ويڙھ جو فيصلو ڪيو ويو ملز انتظاميا جي ناجائزين خلاف پيپلز مزدور يونين جي گڏجاڻي ڪئي وئي، گڏجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڏڙو ۾ غربت ۽ مفلسي جي انتها، عورت جي علاج جا پئسا نہ هجڻ تي مڙس خيرات وٺڻ تي مجبور

پورهيت مينهن وسايو ملاح زال حنيفان ملاح جي علاج لاءِ پئسا نہ هجڻ ڪري بيمار عورت کي ريڙهي تي سمهاري شهر ۾ نڪري پيو

زال حنيفان ملاح کي پيٽ ۾ شديد تڪليف آهي، ڪجھ ڏينهن اڳ زال حامله هئي ۽ سندس پيٽ ۾ ٻار بہ مري ويو آهي : پورهيت

هاڻي سندس حالت خراب آهي، ۽ غربت سبب سندس علاج نٿو ڪرائي سگھان جنهن ڪري خيرات وٺي رهيو آهيان، واهر ڪئي وڃي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) شاهوڪار سنڌ جا ماڻھو علاج لاءِ پنڻ تي مجبور...!! ڏڙو ۾ غربت ۽ مفلسي جي انتها، عورت جي علاج جا پئسا نہ هجڻ تي مڙس دڪان دڪان تان خيرات وٺڻ تي مجبور، عورت جو ٻار پيٽ ۾ مري ويو آهي سندس حياتي بچائڻ لاءِ مدد ڪئي وڃي تفصيل موجب ڏڙو جي ڳوٺ گل ملاح جو رهواسي پورهيت مينهن وسايو ملاح زال حنيفان ملاح/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڏڙو : پورهيت گھرواري جي علاج لاءِ ريڙهي تي پني رهيو آهي

ٽنڊو باگو ۾ حيسڪو عملي
پاران بجلي چوري ڪندڙن
خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

ٽنڊو باگو (رپورٽ:۔ سهيل سمون) ٽنڊو باگو حيسڪو عملي طرفان بجلي چوري ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع شهر جا سوين غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا، خبر موجب ٽنڊي باڳي ۾ حيسڪو ۽ سيپڪو واري حڪم بعد ٽنڊي باڳي جي حيسڪو عملي پاران بجلي چوري ڪندڙن ۽ بل ادا نہ ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ ڌاڙيلن، رهزنن ۽ مافيا جي حوالي آهي : مولانا اسدالله ڀٽو

حڪومت توڙي ڪمان تبديل ٿيڻ باوجود عوام غير محفوظ آهي : محمد حسين محنتي

ڪراچي جهڙي شهر ۾ رهزني جي وارداتن ۾ 50 ماڻھن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو

جماعت اسلامي شهيد محمد حبيب جي خاندان کي اڪيلو ڪو نہ ڇڏيندي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي جي مرڪزي نائب امير اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي تہ حڪومت توڙي ڪمان تبديل ٿيڻ باوجود عوام غير محفوظ، عملي طور سنڌ ڌاڙيلن رهزنن ۽ مختلف مافياز جي حوالي آهي. صرف گذريل هڪ مهيني ۾ ڪراچي جهڙي شهر ۾ رهزني جي وارداتن ۾ 50 ماڻھن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو عوام پنهنجي گھرن گھٽين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خانپور مهر پرسان قتل ٿيل ٻن ڀائرن جو ڪيس 10 جوابدارن خلاف داخل

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي، مقتولن جا وارث ڳوٺ مان لڏي ويا

جوابدارن ۾ حيدر مهر، خيرو مهر، دلدار مهر رحيم مهر، ابل خير مهر ۽ ٻيا پڻ شامل

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر پرسان گذريل ڏينهن قتل ٿيل ٻن ڀائرن جي ڪيس 10 جوابدارن خلاف داخل ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي، مقتولن جا وارث ڳوٺ مان لڏي ويا، خبر موجب خانپورمهر ويجھو شاهپورمهر جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز : نئون مقرر ٿيل ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز چانڊيو آفيس پهتو

پرويز احمد چانڊيو کي رينج آفيس پهچڻ تي پوليس جي چاڪ ۽ چوبند دستي پاران سلامي ڏني وئي

اسان جا دروازا عوام لاءِ 24 ڪلاڪ کليل آهن، انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي : پرويز احمد چانڊيو

نوشهروفيروز(منظور ملڪ) نئون مقرر ٿيل ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد رينج پرويز احمد چانڊيو آفيس پهتو، ان موقعي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز احمد چانڊيو کي رينج آفيس پهچڻ تي پوليس جي چاڪ ۽ چوبند دستي پاران سلامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز : ڊي آءِ جي پرويز احمد چانڊيو دوري دوران اهلڪارن سان ملي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي پاران مختلف ٿاڻن جو دورو

ايس ايس پي سمورن ٿاڻن جو رڪارڊ سميت صفائي سٿرائي جو پڻ جائزو ورتو

منشيات فروشن کي هرگز برداشت نہ ڪبو : ايس ايس پي سيد سليم شاهہ

ٽنڊو محمد خان(د ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي سيد سليم شاهہ پاران ضلعي جي مختلف ٿاڻن جو دورو، ايس ايس پي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽي شهر جي پاڻي جو وڏو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ اسڪيم تي ڪم شروع

اسڪيم شروع ٿيڻ تي ڪيٽي بندر جي عوام کي پهريون ڀيرو پيئڻ جو صاف پاڻي ملي ويو

ڳاڙهو شهر ۾ تيزي سان پيور بلاڪ ورڪ جو ڪم جاري، عوام پاران خوشي جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري پاران ٺٽي ضلعي ۾ ڪروڙين روپين جي اسڪيم جا 90 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿيڻ بعد ٺٽي شهر جي پاڻي جو وڏو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ اسڪيم تي پڻ ڪم شروع ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو آفيس جو دورو

اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو هاشم مسعود آفيس بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

روينيو ڪاتي ۾ اينداڙ ماڻھن جا جائز ڪم ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن : ڊپٽي ڪمشنر

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالفتاح هليو پاران اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو آفيس جو دورو ڪيو ويو ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين : ڊپٽي ڪمشنر کي دوري دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

دادو ۾ هٿرادو قيمتن جي اڻ اعلائيل واڌ شهرين جون متيون منجهائي ڇڏيون

غريب ڏهاڙيدار مزدور طبقي لاءِ ايس ايس پي موڙ تي سستي سبزي بازار لڳائي وئي

غريب ماڻھن جي لاءِ سستي سبزي بازار جو اهتمام ڪيو آهي : محمد امين چنہ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر ۾ عام واهپي جي شين ۽ سبزي جا شهر جي بازارن، دڪانن تي هٿرادو قيمتن جي اڻ اعلائيل واڌ دادو واسين جي چيل چهي ڪري ڇڏي، انتظاميہ اڳھر ٽنڊ سٽل، پاڪستان مسلم ليگ دادو طرفان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جاتي پرسان ڳوٺ ڪمون ملاح جي رهواسي پاران احتجاج

سالا منهنجي زال گھرواري کي زبردستي ٻرغمال بڻائي ويٺا آهن : محمد عمر ملاح

مون کي منهنجي زال گھرواري سالن کان بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

جاتي(د ر) جاتي پرسان ڳوٺ ڪمون ملاح جي رهواسي محمد عمر ملاح جو پنهنجي ڌي سميت سندس سالن ۽ سهارن خلاف احتجاج ڪندي دانهيندي چيو منهنجا سالا منهنجي زال گھر واري کي زبردستي پنهنجي گھر ۾ ٻرغمال بڻائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو : پورهيت سالن جي زيادتين جي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو جي صدارت هيٺ اجلاس

پوليو خلاف مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو : اي ڊي سي ٽو

ضلعي جي سمورن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ ٽيمون گھر گھر وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار حسين جي صدارت هيٺ 2 آڪٽوبر کان 8 آڪٽوبر 2023 تائين هلندڙ پوليو جي خاتمي جي مهم جي انتظامن بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ اجلاس ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر شادي خان ڪيڙو، ليڊي ڊاڪٽر تهمينہ پروين سميجو، پارس ميمڻ خدمتون ڏنيون

مخدوم بلاول ويلفيئر سالن کان سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي : ڊاڪٽر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ مخدوم بلاول ويلفيئر ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جي سهڪار سان اسمائيل اڄڙا ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي، مخدوم بلاول ويلفيئر سالن کان سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي، ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ماڙيپور گريڪس ۾ نوجوان نسل کي برائين کان بچائڻ لاءِ جم جو افتتاح

نئين نسل کي منشيات ۽ آوارا گردي کان بچائڻ لاءِ جم جو افتتاح ڪيو آهي : جاويد داد رحمان

اهڙي قسم جي پروگرام سان صحت بہ ٺهي ٿي تہ وري انسان برائين کان بہ بچي سگھي ٿو

ڪراچي(باغي ساگر پنهور) ڪياماڙي واري علائقي ماڙيپور گريڪس ۾ نوجوان نسل کي برائين کان بچائڻ لاءِ جم جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ اڳوڻي يوسي چيئرمين ملڪ فضل الاهي، پ پ ضلعي ڪياماڙي جي انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي : جم جي افتتاح دوران ورتل فوٽو

ٺٽي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صحت کاتي سميت سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان گڏجاڻي

لاڳاپيل عملدار اينداڙ پوليو مهم دوران سمورا وسيلا ڪتب ۾ آڻين تہ جيئن ڪو بہ ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نہ وڃي : ڊي سي

ٻارن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان بچائڻ لاءِ صحت کاتي سميت سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

مهم دوران ٽيپيدارن، يوسي سيڪريٽرين ۽ مقامي اين جي اوز جي نمائندن کي پڻ شامل ڪيو وڃي، والدين مهم دوران سهڪار ڪن

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ سي آءِ اي پوليس اهلڪارن جي مبينا تشدد بعد ڪوما ۾ ويل نوجوان ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت وارثن ۽ برادري جي ماڻھن جو لاش رکي ڌرڻو. شهدادڪوٽ ۾ بہ هفتا اڳ سي آءِ اي پوليس قمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو : ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٻارڙن کي پوليو جي بچاءُ ڪان ڦڙا
پياري سڄي عمر معذور ٿيڻ کان بچا
ئي سگھجي ٿو : ڊپٽي ڪمشنر دادو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي مان پوليو جهڙي خطرناڪ موذي مرض جي خاتمي لاءِ اسان سڀني کي صحت کاتي سان سهڪار ڪرڻ گھرجي اهو قومي فرض آهي تہ اسان جا هڪ ڏينهن جي جاول ٻار کان 5 سالن جي گلن جيان معصوم ٻارڙن کي پوليو جهڙي خطرناڪ موذي مرض کان بچائي سگھون صحت کاتي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي : ڪياماڙي جي شيرين جناح ڪالوني ۾ پ پ ش ب پاران ميڙاڪو

پاڪستان کي سياسي جمائتن بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيون آهي : ڊاڪٽر وسيم لاڪير

پاڪستان حڪمراني نالي ڪا شيءِ ناهي، هتي سڀ ادارن ڪرپشن ڪرڻ ۾ رڌل آهن

ڪراچي(رپورٽر) پيپلز يوٿ (شهيد ڀٽو) ڪراچي ڊويزن جي مان ۾ ضلعي ڪياماڙي جي شيرين جناح ڪالوني ڪراچي ۾ هڪ ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت ڪراچي ڊويزن جي آرگنائيزر صلاح الدين خان چاچڙ ڪئي جنهن ۾ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ڪراچي ڊويزن جي جي صدر غلام نبي گبول ب پ شهيد ڀٽو ضلعي ڪياماڙي جي صدر محمد خان يوسفي ڊاڪٽر وسيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي ۾ نور محمد برفت ڳوٺ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف رهواسي روڊن تي نڪري آيا

سوين مرد عورتن معصوم ٻارڙن سان گڏجي احتجاجي ڪئمپ تي هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پنهنجو 13 ڏينهن بہ احتجاج جاري رکيو

پوليس عملدارن کي ڪروڙين روپيا رشوت ڏئي جعلي رڪارڊ ٺهرائي هاڻي قديمي نور محمد برفت ڳوٺ کي ڊاهيو پيو وڃي : مظاهرين

اسان جي احتجاج کي اڄ 13 هون ڏينهن آهي، عورتن معصوم ٻارڙن سميت بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري ويٺل آهيون

ڪراچي(باغي ساگر پنهور) ڪراچي جي سهراب ڳوٺ ٽائون جي 63 ايڪڙ زمين تي قائم ٿيل قديمي نور محمد برفت ڳوٺ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف رهواسي سوين مرد عورتن معصوم ٻارڙن سان گڏجي احتجاجي ڪئمپ تي هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پنهنجو 13 ڏينهن بہ احتجاج جاري رکندي بلڊر مافيا روينيو ۽ انڪروچمينٽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، جڏهن تہ قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي : ڳوٺ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئون ڪوٽ ۾ بجلي جون رهتون
نہ ڏيندڙن خلاف ڪارروايون،
3 ڄڻن تي ڪيس داخل

نئون ڪوٽ پرسان (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ واپڊا طرفان بجلي جون رهتون نہ ڏيندڙ ۽ بجلي چوري ۾ ملوث 3 ڄڻن تي نئونڪوٽ ٿاڻي ڪيس داخل ڪيو ويو، واپڊا سب ڊويزن نئونڪوٽ جي انچارج ايس ڊي او وحيد مراد پرڳڙي جي فرياد تي نئون ڪوٽ ٿاڻي تي گنج بخش ڪالوني نئون ڪوٽ جي رهواسي اسحاق ڪورائي ۽ ماڻهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين جي اڳوڻي ايس ايس پي شاهنواز چاچڙ خلاف داخل

داخل درخواست تي سيشن جج پاران ڊي آءِ جي کان انڪوائري ڪرائڻ جو حڪم

درخواست جي انڪوائري ڪرائڻ لاءِ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي حڪم جاري ڪري ڇڏيو

صحافين پاران پي پي چيئرمن بلاول ڀٽو زرداري اڳيان دانهن تي جاچ جو حڪم ڏنو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي اڳوڻي ايس ايس پي شاهنواز چاچڙ خلاف داخل درخواست تي سيشن جج بدين ڊي آءِ جي کان انڪوائري ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب بدين جي اڳوڻي ايس ايس پي شاهنواز چاچڙ جي خلاف صحافين کي اغوا ڪرائي تشدد جو نشانو بڻائڻ واري داخل ڪيل درخواست تي ڪالهہ سيشن جج بدين جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي هن موقعي تي نيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو غلام حيدر پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون

پوليس ڪاروائي ڪري راجو ٺاڪر انور سمون شاهد ميمڻ کي بروقت گرفتار ڪري ورتو

قبضي مان 27 ڪٽا مين پڙي مٽريل خام مال سميت 900 عدد پڻ هٿ ڪيو

جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت پي ايس ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(د ر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جي هدايت ٽنڊو غلام حيدر پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ايس ايڇ او ٽنڊو غلام حيدر پوليس پوسٽ انچارج نظر پور سان گڏجي مخفي اطلاع تي ماهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان : پوليس جي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار بيٺل آهن

دادو ۾ استاد سراپا
احتجاج بڻيل، انصاف
ڏيارڻ جي گھر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استاد سراپا احتجاج بڻيل پريس ڪلب اڳيان 7 ڏينهن بہ ب ٽ الف دادو تائون جي عهديدارن جو احتجاج جاري مظاهرين عنايت علي جمالي وسيم ڪوکر ساجد مستوئي، اياز ٿيٻو ۽ ٻين استادن پاران 300 استادن جي اپگريڊيشن ۽ غير قانوني طور رڪاوٽون وجهي استادن کي اپگريڊيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ميونسپل اسٽيڊيم ۾ آمد

سوين ڪارڪنن سان گڏ ٻن سون کان وڌيڪ ڪارن، سوزوڪين ۽ ٻين گاڏين تي سوار ٿي جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ روانا ٿيا

واهن جي ڪپرن تان غريب ماڻھو جا گھر ڊاهيا ويا هئا انهن غريب ماڻھن کي پلاٽن جا ڪاغذ ۽ انهن کي مالڪاڻا حقوق ڏيندو : محمد علي شيخ

بلاول ڀٽو جو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ دورو ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ وقت سر اليڪشن ٿي تہ جيئي جمهوري حڪومت قائم ٿي سگھي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ميونسپل اسٽيڊيم ۾ آمد تي سکر سياسي سماجي اڳواڻ محمد علي شيخ پاران روهڙي نيشنل هائيوي روهڙي باءِ پاس تاج پيٽرول پمپ کي ريلي جي صورت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي استقبال ڪرڻ لاءِ سوين ڪارڪنن سان گڏ ٻن سون کان وڌيڪ ڪارن، سوزوڪين ۽ ٻين گاڏين تي سوار ٿي جيئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي

صحافي جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري ۽ اغوا ٿيل پريا ڪماري، ساگر ڪمار ۽ ٻين جي آزادي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

واقعي کي 2 هفتا گذري ويا آهن پر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جو هڪ بہ جوابدار گرفتار نہ ٿيو آهي : مظاهرين

اسان ان قتل تي چپ نہ ويهنداسين ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ احتجاج هڪ وڏي احتجاج ۽ تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويندا

نوشهرو فيروز(رپورٽر) نوشهرو فيروز ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران الله واري چوڪ کان پريس ڪلب تائين صحافي جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري ۽ اغوا ٿيل پريا ڪماري، ساگر ڪمار ۽ ٻين جي آزادي لاءِ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ قلم ڏٺين قاتلن ۽ اغواڪارن خلاف سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي يونس راڄپر، ساگر يوسف منگي، خادم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز : سنڌ صحافي اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ پوليس اهلڪارن جي
مبينہ ڏاڍاين خلاف احتجاج،
انصاف ڏيارڻ جي گھر

سکر(بيورو رپورٽ) پوليس اهلڪارن جي مبينہ ڏاڍاين خلاف پنوعاقل تعلقي جي ڳوٺ سلطان پور جي رهواسي ايڊز بيماري ۾ مبتلا امان الله جوڻيجو سکر پريس ڪلب ۾ داهيندي ٻڌايو آهي تہ ڪراچي جي آغا خان اسپتال مان ٽيسٽون ڪرائڻ بعد رپورٽ ۾ ايڊز جو مرض ظاهر ٿيو آهي سکر سول اسپتال ۾ علاج لاءِ آيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي ۾ بنگلي تي ڪم ڪندڙ ڏڙو واسڻ نوجوان ناري پرسرار نموني گم، احتجاج

شهر جا رهواسي غلام مصطفيٰ جانوري ۽ مسمات سڪينہ جانوري ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

نياڻي مهرالنساءِ جانوري کي هزارخان زئور ۽ ان جي ماءُ وٽ رهيل هئي، هاڻي اطلاع ڪيو آهي تہ نياڻي گم ٿي وئي آهي : وارث

اسان ڪراچي پهچي ڪافي ڳولا ڪئي پر اڃا تائين ڪو بہ ڏس پتو نہ پئجي سگھيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

سجاول(رپورٽ ممتاز علي ٿهڙيو) ڪراچي ۾ بنگلي تي ڪم ڪندڙ ڏڙو واسڻ نوجوان ناري پرسرار نموني گم، وارثن جو احتجاج، قتل ڪرڻ جو شڪ، سجاول ۾ ڏڙو شهر جا رهواسي غلام مصطفيٰ جانوري ۽ مسمات سڪينہ جانوري سجاول پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي 24 سالا نياڻي مهرالنساءِ جانوري کي هزارخان زئور ۽ ان جي ماءُ سندس ڪراچي جي علائقي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 12 سيپٽمبر 2023ع

ميڊيڪل جي ٽيسٽ ۾ ڪاپي ۽ اسان جو تعليمي معيار

خبرون آهن ته ملڪ ۾ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن لاءِ ايم ڊي ڪيٽ جي امتحان ۾ پيپر آئوٽ ڪرڻ جو منصوبو ناڪام بڻايو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي گرفتار ڪري انهن تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ايم ڊي ڪيٽ دراصل ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ آهي. ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا سميت ملڪ جي 31 شهرن ۾ ٿيندڙ ان ٽيسٽ ۾ هڪ لک اسي هزار شاگرد ويٺا. پشاور ۾ خيبر بليو ٽوٿ ڊوائسز ذريعي چيٽنگ جي ڪوشش ڪندڙ شاگردن کي پڪڙيو ويو آهي. جن ۾ 20 شاگردياڻيون آهن ۽ 43 شاگردن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. خيبرپختونخوا ۽ اعليٰ تعليم جي سيڪريٽري انيلا محفوظ دراني موجب، اطلاع مليو هو، هڪ گروهه خفيه بليو ٽوٿ ڊوائسز ذريعي شاگردن کي ٽيسٽ دوران سوالن جا حل ڪرائڻ جي منصوبا بندي ڪري چڪو آهي، جيڪو انيلا محفوظ دراني موجب، خصوصي چيڪنگ دوران عملي پنهنجي فون جو بليو ٽوٿ آن ڪري شاگردن کي بليو ٽوٿ ڊوائسز ذريعي جوابن جو پتو لڳايو ۽ شاگردن کي پڪڙيو ويو.

دنيا آرٽيفيشل انٽيليجينس (مصنوعي ذهانت) جي ميدان ۾ ڪنٽرول ۾ پٽي ڪٽائي، اسان جو پاڙيسري ملڪ چنڊ تي پهچي ويو آهي پر اسان آهيون، جيڪي اڄ به ٽيڪنالاجي کان هزارين ٿا سهي، سوين صديون پوئتي ضرور آهيون. اسان جي ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪريون ٿا ته اهو به ناڪاري مقصدن لاءِ، جيئن ڪالهوڪي ٽيسٽ ۾ چيٽنگ لاءِ بليو ٽوٿ ڊوائسز جو استعمال ڪيو ويو. جيڪو اڳ ئي پڪڙجي پيو ۽ شاگردن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ٿر ملڪ ۾ اهڙي تعليمي سماج جي سوچ تعليم جي صورتحال ۽ ڪنڊا آهن پر اسان تعليم کي ڪهڙي سطح تي وٺي آيا آهيون. ها ٻئي ڏينهن سامهون ايندڙ واقعن منظر پڌرو رهيا آهن. اسان وٽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جڻ ته ممنوع آهي. يونيورسٽيون اهليت کان خالي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جون فيڪٽريون بڻيل آهن. دنيا جي يونيورسٽيز جي مقابلي ۾ اسان جي يونيورسٽين جو ڪو به معيار ناهي. جيڪا تحقيق ٿئي ٿي، ان جو به معيار ناهي. جديد سائنسي تحقيق ۽ تعليم جي رخ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. جيڪا ٻئي ملڪن جي يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. جڏهن ته اسان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تعليم جو ته معيار ئي ناهي. اهڙي ريت ميڊيڪل جي ٽيسٽ ۾ ڪاپي ۽ ايندڙ وقت ۾ عوام جي صحت کي ڪٿي پهچائيندا، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي.

اسان جي ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ ڪلاس روم ۾ پڙهائي وڃي ٿي. جڏهن ته دنيا ۾ سائنس ڪلاس روم ۾ ڪلاس جو ڏهه سيڪڙو پڙهايو وڃي ٿو. دنيا جي ترقي يافته ملڪن جو تعليمي نظام جديد گهرجن مطابق بهترين نصاب آهي. جن جي تدريس لاءِ جديد تدريسي طريقا ۽ پوءِ هڪ بهترين امتحاني سرشتو هوندو آهي پر اسان جا پاليسي ساز ان تائين بهتر تعليمي پاليسي جوڙڻ نه سگها آهن ۽ سڄي ملڪ لاءِ هڪ ئي نصاب جي پاليسي اهڙي ريت جو سياسي ۽ جانبدارانه بنيادن تي تعليم جو معيار ڪري پوي ٿو. ان ملڪ جي پاليسي ساز جي ترجيح تي نظرثاني اڄ به اهڙين حالتن ۾ ظاهر آهي. شاگرد ۾ چيٽنگ جو رستو اختيار ڪن ٿا. اسان اڳ ئي هتي ڪلاس جو اهڙو اعلان ڪيو آهي، ڪيترا ڀيرا چيو ته ملڪ ۾ هڪ نصاب واري هڪ سرشتي کي سموئي چڪا آهيون. ان لاءِ ٿري ضرورت آهي ته جديد گهرجن جو بهترين نصاب تيار ڪجي، جنهن سان جديد تدريسي طريقا ۽ جي تدريسي ادارن کي بهترين تعليمي نظام ڪجي ۽ امتحاني سرشتو جوڙجي. جيڪي به عمل درآمد ڪري سگهن. جيڪو تعليم جي سالياني سرشتي بدران بهترين تعليمي سرشتي کان اعليٰ معيار ۽ پاليسي ساز جي اهميت سان ٺهڪندڙ ٿئي. تعليمي پاليسي ساز جي اهميت ۽ ترقي جي پاليسي ساز کي اهو سوچڻ گهرجي ته ارڙهين آئيني ترميم کانپوءِ تعليم صوبائي سبجيڪٽ آهي ۽ ان ۾ مداخلت سان تعليم سڌرڻ بدران وڌيڪ تباهه ٿيندي. پيو ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي جيڪڏهن اسان پنهنجي نصاب ۾ اولين ترجيح نٿا ڏيون ته پڻ اسان دنيا ۾ پوئتي رهجي وينداسين ۽ تيز رفتاريءَ جي هن دور ۾ دنيا سان گڏ نه هلڻ جي ڪري اسان ترقي جي راهن کان به تمام گهڻو پري ٿي وينداسين.

کُهي سو کَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِکيو، هَرَ زَمانَ حَبيبُ؛
تِنِي سو طَبيبُ، سو ئِي راحتَ رُوحَ جِي.

جمهوريت خاطر جانين جا نظرانا ڏيندڙن کي سرخ سلام...!!

ليک: ممتاز ملاح

12 سيپٽمبر ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي 40هين ورسي...
جڏهن ملڪ مارشل لا جو شڪار ٿي ويو، فوجي آمر ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق جمهوريت تي راتاهو هڻي مارشل لا لاڳو ڪئي، جنهن ملڪي رياست جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ ورتيون ۽ جمهوري نظام جي ايئن ۾ رياستي ڪاروهنوار شروع ڪري ڇڏيو. آئين ۽ جمهوري نظام جي ايئن ۾ رياستي ڪاروهنوار ۾ مائٽن جي عزت نفس ۽ تقدس جي پائماليءَ سرعام ٿيڻ لڳي، اهڙي اندروني نظام جي نه صرف خلاف احتجاجن جو هڪ انقلابي تحريڪ جو عمل شروع ٿيو، ڊڪٽيٽر شپ نظام خلاف نفرت ۾ عوام رياستي ڏاڍ ۽ جبر ظلم خلاف سراپا احتجاج بڻجي ميدان تي نڪري آيو هو.
ملڪ گير احتجاجي مظاهرن جو سڌ ڏيڻ وارو سلسلو اڳتي وڌندي ٿوري ئي عرصي ۾ "جمهوريت جي بحال" واري تحريڪ "ايم آر ڊي" اڳتي هلي هڪ تيز تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ورتي.
اهو 1983ع سال هو جڏهن ملڪ جو عوام آمر ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق جي جابراڻي حڪومت سان نفرتن جو ڀرپور اظهار ڪندي سامهون اچي ويو ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي سرگرمي سان گڏجي ڊڪٽيٽر شپ جي سامهون هماليه جبل جيان مضبوطي سان بيهي ويا. بغاوت اختيار ڪندڙ عوام ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور ۽ پرجوش جذبي سان شامل ٿي هڪ انقلابي تحريڪ جو آغاز ڪري ڇڏيو. جمهوريت جي بحالي لاءِ ملڪ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ عوامي صدائون بلند ٿيڻ لڳيون ۽ فوجي قيادت پاران نافذ ڪيل مارشل لا خلاف احتجاجي مظاهرن ڌرڻن جلوسن جو سلسلو روز بروز وڌندو ويو.
12 سيپٽمبر 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ جمهوريت پسندن پاران خيرپورناٿن شاهه شهر جي روڊن رستن تي آمر ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ جي مڙهيل زبردستي آمريتي مارشل لا حڪومت خلاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ پر امن احتجاجي مظاهرن جو عمل شروع ٿي ويو. قانون لاڳو ڪندڙن پاران ڪي اين شاهه شهر ۾ سخت ڪرفيو نافذ ڪيو ويو. مائٽن ڪي پنهنجن گهرن تائين محدود رکڻ لاءِ سندن مٿان سختيون وڌيون ويون. ۽ ان حڪمت عملي کي يقيني بڻائڻ پٺيان چاهيو ويو ته ايم آر ڊي تحريڪ جي ڏنل احتجاجي سڏ کي اڳتي وڌڻ بدران سندن رستا روڪ ڪرڻ لاءِ کين گهرن تائين محدود بڻائي سگهجي!. هڪ طرف آمريتي حڪمن تي فوجي دستن شهر جي هر گهٽي گهٽي ۾ گشت وڌائي عوام کي محدود ڪرڻ ۽ احتجاجي هجوم کان پاسو ڪرڻ لاءِ سخت دٻاءُ وجهڻ لاءِ شهر جي ريسٽ هائوس تي فوجي پوائنٽ (چانوڻي) قائم ڪري ڇڏي هئي، جتي حساس ادارن جا دستا مقرر ڪري ڇڏيا هئا.
هڪ طرف مائٽن کي سندن گهرن ۾ واڙيو پئي ويو ته ٻئي طرف ايم آر ڊي تحريڪ پاران جيل ڀرو تحريڪ جو اعلان ڪري گرفتاريون پيش ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو!
ايم آر ڊي تحريڪ پاران ڏنل هدايت تحت
جڏهن گرفتاريون ڏيڻ لاءِ سڀ کان پهريان ڪي اين شاهه تعلقي جا اهم سياستدانن ۽ مک سياسي ڪردارن ۾ اڳوڻو ايم پي اي مرحوم حاجي اميربخش جوڻيجو ۽ اڳوڻو وفاقي وزير مرحوم حاجي ظفرعلي لغاري، اڳوڻو ايم اين اي مرحوم رفيق احمد مهيسر، اڳوڻو ايم پي اي مرحوم منورخان ڀٽ، امير علي ابڙي، مرحوم عبدالقادر ٻگهيو، عبدالحليم مهيسر، مرحوم راجا بشير احمد ٻگهيو، غني چانڊيو، مرحوم ڪامريڊ لياقت علي ڪوسو، بچل پليپوٽو، مرحوم سردار ميرخان ڀير، مرحوم محمد الياس جوکيو، قاضي محمد اشرف، فيض چانڊيو، عبدالجبار ڪوسو، مرحوم غلام حسين جانوري، مرحوم وڪيل رسول بخش بروهي، شهاب الدين عباسي، آفتاب چانڊيو، نورمحمد چانڊيو، مرحوم حاجي نبي بخش شيخ، امام بخش قمبراڻي، ڪامريڊ بخشل گوريلو، راجا لغاري، شڪورچنا، بخشل چانڊيو، مرحوم تراب سانگي، گل جاني بروهي، محمد جعفر سودر، بدرالدين شيخ، بدرچانڊيو، حبيب الله لانڊر سميت سوين ڪارڪنن "جيل ڀرو تحريڪ" جي فيصلي تحت گرفتاريون پيش ڪرڻ لاءِ جڏهن خانپورجوڻيجو کان الحاج اميربخش خان جوڻيجو ۽ سيتارو ڏ کان حاجي ظفرعلي لغاري جن جي اڳواڻي ۾ عوام جو وڏو انگ ڌار ڌار جلوسن جي صورت ۾ خيرپورناٿن شاهه شهر پهتا، عوامي جلوس اڳتي وڌڻ لڳو ته حساس ادارن پڻ چئلينج ڪندي عوامي جلوس کي گرفتاريون ڏيڻ لاءِ ويندڙ اڳواڻن کي سب جيل مختيارڪار کي اين شاهه آفيس ڏانهن وڃڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جلوس کي ريسٽ هائوس وٽان گذرڻو هو جتي ريسٽ هائوس وٽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جي هيڊ آفيس طور تي "مين پوائنٽ" پڻ هئي، جتي فوجي دستي جي رهائشگاهه پڻ هئي. عوامي رد عمل "جيل ڀرو تحريڪ" جو قافلو سنڌ مختيارڪار آفيس سب جيل ڏانهن وڌي رهيو هو جنهن وڏي هجوم کي ڏسندي قانون لاڳو ڪندڙن پاران عوام جي رستا روڪ ڪري ڇڏي، گولين شيلنگ ڪئي وئي. ج ...
... ٿين سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو، جلوس جي مچريل مائٽن اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، جيل ڀرڻ لاءِ پنهنجون گرفتاريون پيش ڪرڻ لاءِ مائٽون اڳتي وڌندا وڌندي مختيارڪار آفيس پهچي پچ ڏاهه پڻ ڪئي، مچريل ڪارڪنن مارشل لا جي نافذ نظام سان نفرت ڪندي مختيارڪار آفيس ۾ بيٺل جيپ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، هي ملڪي ڀهريون واقعو هو جيڪو جنرل ضياءُ الحق جي آمريت سان ڀرپور نفرت جو اظهار ڪندي باهيون ڏيڻ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو، ٻئي طرف ايم آر ڊي جا سوين ڪارڪن جمهوريت جي بحالي جي سخت نعريبازي ڪندي "ريسٽ هائوس" اڳيان پهتا ته ريسٽ هائوس ۾ موجود قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن "جيل ڀرو تحريڪ" جي جلوس مٿان هٿيارن جا سڌا منهن کولي ڇڏيا جتي مائٽن مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ڪئي وئي، هڪ طرف هٿين خالي جمهوريت جا پروانا هئا جيڪي ملڪ ۾ نافذ مارشلا خلاف روڊن تي نڪتل هئا. جمهوريت جا ديوانا جمهوري نظام آڻڻ ۽ ڊڪٽيٽر شپ جي خاتمي جون صدائون بلند ڪندي نعريبازي ڪري رهيا هئا، جمهوريت جي ديوانن جي سينن تي رياستي اهلڪارن ظلم برپا ڪندي سڌيون گوليون هلائي ڪي اين شاهه جي رستن ۽ روڊن کي مائٽن جو رت وهائي ڳاڙهو لال ڪري ڇڏيو ڪي اين شاهه جا روڊ رستا انساني رت سان وهنجي ڳاڙها ٿي ويا، ڳڀرو نوجوانن جا لاش ڪرايا ويا، ڪي اين شاهه جي ڌرتي ڪربلا جو ميدان بڻجي وئي، قيامت صغري' برپا ڪئي وئي، جمهوريت جي پروانن کي جمهوريت جي قيام جي نعري هڻڻ جي ڏوهه ۾ ڪين عذابن پوڳڻ سميت سندن جا لاش ڪيرايا ويا جيڪي ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين روڊن تي لاوارث جيان پيل رهيا، شهيدن جي لاشن تائين وارثن کي به اچڻ نه پيو ڏنو ويو. شهر مٿان به گولين جون برساتون هلايون ويون. شهرين کي به حراسان ڪري کين گهرن ۾ بند رکيو ويو. گولين لڳڻ سبب جمهوريت لاءِ نظرانا ڏيندڙ 9 ڄڻا موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا، هي ايم آر ڊي تحريڪ جو ڀهريون واقعو هيو جيڪو خيرپورناٿن شاهه جي ڌرتي ايم آر ڊي شهيدن جي لهو لهان رت بڻجي وئي، 144 قلم لاڳو هجڻ ڪري مائٽن کي گهرن ۾ بند رکيو ويو هو. شهيدن جا لاش روڊن تي پيل رهيا، ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين شهيدن جي وارثن کي لاش کڻڻ لاءِ پريشانين کي مسلسل منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. اڪثر مائٽون پنهنجن پيارن جي گولا ڪندي بيهوشي جي عالم ۾ گم ٿي رهيا هئا، رياستي اهلڪارن جو خوف ۽ حراس ڏهڪاءُ سڄي شهر ۽ تعلقي ۾ ڦهليل هو. گولين جو خطرناڪ سائرن وڄي رهيو هو اڪثر شهري پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهي رهيا هئا. فائرنگ جوان ڪٽندڙ سلسلي سبب حراس ڇانئيل رهيو، معصوم ٻارڙا خوف وچان ڪيهات ڪري رهيا هئا، اهڙي دردناڪ واقعي سبب ڪيترن عورتن جا حمل به ضايع ٿي چڪا هئا، جڻ ته ڪي اين شاهه ۾ ڪربلا جهڙي دردناڪ واقعي جنم ورتو هجي! ملڪي سطح تي هي ڀهريون دردناڪ آمريتي واقعو هو جيڪو ڪي اين شاهه ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ مقامي عوام ڊڪٽيٽر فوجي قيادت کان جمهوريت جي گهر ڪري رهيو هو جنهن جي موٽ ۾ ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ جي حوارين ۽ حوالدارن بيگناهه شهرين کي گولين جو کاڄ بڻائي 9 جوڌن کي شهيد ڪري ڇڏيو!
ايم آر ڊي تحريڪ دوران رياستي اهلڪارن جي گولين لڳڻ سبب شهيدن ۾
20 سالن جو عبدالعزيز لاڪير، 21 سالن جو عبدالغني ابڙو، 28 سالن جو شاهنواز ڪوسو، 30 سالن جو نظام الدين نائچ، 32 سالن جو الهورايو لانگاهه، 21 سالن جو حبيب الله لغاري، 23 سالن جو غلام نبي ڪوسو، 20 سالن جو ديدار علي ڪوڪر، 22 سالن جو ضمير حسين جاگيراڻي سميت ڪيترا ئي ڪارڪن پڻ گولين لڳڻ ۽ آنسون گئس پريشر سبب زخمي ٿي پيا هئا.
جمهوريت جي بحالي لاءِ صدائون بلند ڪندڙن تي سڌيون گوليون هلائي انسانيت جي تذليل ڪرڻ واري تاريخ جڏهن پنهنجا ورق ورجائيندي آهي، جڏهن 12 سيپٽمبر جو ڏهاڙو موٽي ايندو آهي. خيرپورناٿن شاهه جي گڀرو نوجوانن کي سري عام ڏاڍ جبر ۽ ظلم سان ماريو ويو هئا، انهن قصي کي چاليهه سال گذري ويا آهن، پر ايم آر ڊي تحريڪ جو اهو قصو ورهاڱي کان پوءِ ... تحريڪ وڏيڪ سگهارو ٿي پوري ملڪ ۾ تيزي وٺي هئي جيڪا دنيا ۾ پر ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ٿي وڏا ابرا پڻ ٿيا هئا، مارشلا بابت عوامي رد عمل ۽ ايم آر ڊي تحريڪ بابت بي بي سي لنڊن پنهنجن پروگرامن جي رپورٽ ۾ دادو ضلع کي "ويتنام" ۽ خيرپورناٿن شاهه کي "بيروت" جا لقب ارپيا ويا هئا.
جمهوريت جي بحالي لاءِ قرباني ڏيندڙ انهن سرموڙ سياسي اڳواڻن ۾ خانپورجوڻيجو سان واسطو رکندڙ اڳوڻو ايم پي اي حاجي اميربخش جوڻيجو سيتارو ڏ سان واسطو رکندڙ حاجي ظفر علي لغاري سياسي ڪارڪنن جيل ڀرو تحريڪ دوران گرفتاريون پيش ڪيون، گرفتار ڪارڪن مٿان قيد سزائون ڦٽڪا مختلف قسمن جي سختين سان کين ٽارچر ڪيو ويو پر ڪارڪنن جي آخري دم تائين جمهوريت جي صدا پڻ بلند رهي،
ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪاميابي بعد ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر جمهوريت جو راڄ قائم ٿيو چوڻ وارا چوندا آهن ته لولي لنگڙي جمهوريت آمريت کان لک ڀيرا ڀلي هوندي آهي، جمهوري رواداري سان مظلوم طبقي کي اظهارراءِ جا حق حاصل هجن ٿا، ملڪ ۾ اگر ايم آر ڊي تحريڪ جنم نه وٺي ها ته شايد اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان ۾ جمهوري حڪومتون ڪڏهن به قائم ٿي نه سگهن ها، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اڪثر چوندو هو ته جمهوريت جو سرچشمو عوام آهي، مطلب عوام جي سڌي سئين خواهش تي حڪومت قائم ڪرڻ کي "جمهوريت" چئجي ٿو! جمهوريت ۾ آزادي ۽ اظهار راءِ جو حق هجي ٿو، جمهوريت ۾ آزادانه ڪرڻا نظر اچن ٿا جنهن سان پنهنجن بنيادي حقن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو، باقي گن پوائنٽ ۽ لانگ بوٽ وارن جي ڏهڪاءُ سان مظلوم قومن کي حقن بابت ڳالهائڻ جي به اجازت ناهي هوندي،
بهرحال ايم آر ڊي تحريڪ دوران ڪي اين شاهه ۾ ٿيل دردناڪ واقعي کي 40 سال ٿي ويا آهن پر واقعي کي ياد ڪندي اڄ به اکين مان ڳوڙها ٽري اچن ٿا، جيڪي شهيدن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ڳوڙها ڳڙي ڳلن تائين پهچي وڃن ٿا، هون ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ اڪثر حڪومت ڏاهڻ جي پوزيشن ۾ رهي آهي ايم آر ڊي جي شهيدن جي پونئيرن ۾ وقت بوقتن روزگار نوڪريون ڏيڻ سميت سندن جي سرسار سنڀال لهڻ ۽ شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪرائي کين ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هرسال ننڍا توڙي وڏا جلسا ۽ تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن، خيرپورناٿن ۾ ايم آر ڊي جي شهيدن جي نالي سان منسوب ڪيل شهيدن جو چوڪ ۽ خوبصورت يادگار جوڙايو ويو آهي جنهن خوبصورت يادگار تي تي ايم آر ڊي جي شهيدن جا نالا به جڙيل آهن،
قوم پنهنجن دليرن ۽ بهادر جوڌن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهي، جن ملڪ ۾ ڊڪٽيٽر شپ نظام جي خاتمي ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ پنهنجون عظيم قربانيون ڏئي پاڻ هميشه لاءِ امر ٿي ويا ۽ تاريخ کين سنهرن اکرن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي پاران هرسال شهيدن کي ياد ڪري کين ڀرپور ڀيٽا ڏيڻ لاءِ تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن کين خراج تحسين ۽ سلام پيش ڪيو ويندو آهي،
ايم آر ڊي تحريڪ دوران سرگرم اڳواڻ رهندڙ اڳوڻي ايم پي اي الحاج اميربخش جوڻيجو جي فرزند ڪي اين شاهه تڪ پي ايس 83 جي اڳوڻي پ پ پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيزجوڻيجو پاران هرسال جيان جوڻيجو هائوس خانپور جوڻيجو ۾ 12 سيپٽمبر جي ڏهاڙي تي ايم آر ڊي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ سندن ايثال ثواب لاءِ خيرات ماني جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، تقريب ۾ هرسال جيان زبردست ڀيٽا پيش ڪئي ويندي آهي، پ پ پ تعلقه ڪي اين شاهه موجن هن ڀيري به جوڻيجا هائوس خانپور جوڻيجو ۾ مک تقريب جو اهتمام ڪيو ويو آهي، جنهن تقريب ۾ پ پ پ تعلقه ڪي اين شاهه پاران شهيدن کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي کين سرخ سلام پيش ڪيو ويندو.

علم ۽ عمل جو رشتو

طفيل مگسي

اسان انسانن جي تهذيب وتمدن جي تاريخ اصل ۾ اسان جي علم جي تاريخ آهي جنهن جو دائرو وقت سان گڏوگڏ پکڙبو رهي ٿو يا ائين کڻي چئو ته علم پنهنجي ڪانٽينٽ ۽ فارم ۾ مسلسل ڪشادگي ۽ روشني آڻيندو وڃي ٿو
حقيقي علم ڪتابن يا علم سان تمتار بحثن کان ٿيندو انسان جي شعور جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ جنهن کانپوءِ اهو نظريي ۾ پوئجي ٿو ۽ نظريي کانپوءِ وري عمل ۾ پوئجي وڃي ٿو ۽ وري جڏهن عمل ۾ پوئجي ٿو ته اڳ کان وڌيڪ طاقتور شفاف ۽ منظم ٿي ڪري ڪتابن ۽ بحثن جي صورت ۾ واپس انسان جي ذهن تي آواز ڏيئي ٿو ته جيئن اهو انساني عمل جي راهن کي بيهر کان وڌيڪ منظم ۽ مڪمل طور تي مقرر ڪري پنهنجي تاريخ جي ايندڙ جستجو کي سدائين جيان ممڪن بڻائي سگهي. علم جي گذريل سموري تاريخ ان ڳالهه جي شاهد رهي آهي ته علم صرف انهن انسانن جي ذهنن جي مدد سان اڳتي وڌيو ۽ مسلسل پکڙيو آهي ته جن ذهنن ۾ اها قوت يا پائيداري موجود هئي ته جنهن ۾ اهو نظريي کان ٿيندو عمل ۾ پوئجي ڪري واپس پنهنجو پاڻ تائين پهچڻ ۾ لائق ٿيو هجي.
ڪتاب پڙهڻ آسان ڪم آهي يا علم سان تمتار فردن جي بحثن ۾ شرڪت ان کان به وڌيڪ آسان ڪم آهي. علم جو ذهن ۾ ڪنهن حقيقي نظريي سان ڳنڍجي وڃڻ به عام ٿي ڳالهه آهي جيتوڻيڪ حاصل ٿيندڙ يا ٿيل يا وري جذب ٿيل علم يا نظريي کي پنهنجي عمل ۾ پوئي چڙهڻ يا علم کي علم جي ٿي پهرين صورت جي سامهون آڻي ڪري ان کي اهڙي تاريخ جي اڳئين ڏاڪڻ تائين چڙهي اچڻ تمام مشڪل ۽ ٿڪائي وجهڻ واري حد تائين نهايت ڏکيو ڪم يا ذميواري هوندي آهي. جنهن جا لائق ڪروڙن انسانن منجهان صرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترائي هوندا آهن
پنهنجي حاصل ڪيل علم کي پنهنجي روزاني واري زندگي يا عمل جو حصو بنائڻ جي طاقت ۽ قوت اهڙي ناهي ته اها پيدائشي امانت جي ٿيل هوندي آهي بلڪ ان جو سبب علم جو ڦڙو ڦڙو يا برسات جي شڪل ۾ ذهن وشعور جي لوڙ ۽ اجاري زمين ۾ نيڪ وقت ۾ جذب ٿي وڃڻ آهي ۽ علم جي جذب ٿي وڃڻ کانپوءِ ذهن جسم ۽ وجدان جي لاءِ ان کي عمل ۾ پوئڻ يا ان کي عملي مظهرن جي سطح تائين وٺي وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش نٿي اچي.
سقراط کي وات بند رکڻ جي لاءِ زهر جو پيالو پيئڻ ۾ ڪا ڏکيائي نٿي. ارسطو ڪنهن بادشاهه جي تعريف جي نتيجي ۾ ملڻ واري محبت ۽ جسماني اميري جي مقابلي ۾ شهر ڇڏي ڪري اڪيلو مرڻ ۽ ظاهر ۾ تباهه ٿي وڃڻ جي چونڊ ڪئي ڪنهن نه ٽوڪيس. رازي کي عزت ۽ شهرت جي حاصلات جي بجاءِ انڌي رهڻ ڪڏهن نه ٿڪايو ابن رشد پنهنجي لاش کي هزارين ۽ لکين ماڻهن جي ڪلهن تي کڻائي وڃڻ جي بجاءِ گڏهه تي رکي ڪري پنهنجي ابدي بارگاهه تائين پهچائڻ ۾ ڪا پريشاني نه ٿي. برونو کي پادرين جهڙي طاقت حاصل ڪرڻ جي خواش جي بجاءِ برندڙ ٽانڊن جي حوالي ٿي وڃڻ واري همت هڪ پل به ڪيس کي پوئتي پاسو ورائي ڪري ڏسڻ جو موقعو نه ڏنو اسپي نوزا وڏي آساني سان گڏ ڪيمونٽي ۾ عزت ۽ عيش ڀري زندگي تي معاشري کان نيڪالي ۽ وقت جي گذاري جي خاطر شيشي جي صفائي جهڙي معمولي ڪم کي فوقيت ڏني ۽ اهو سڀ ڪجهه وڏي ثابت قدمي ۽ خوش مزاجي سان گڏ برداشت ڪيو ته جنهن جوان زماني ۾ تصور به عام انسان جي لاءِ موت کان وڌيڪ ڀيانڪ هوندو هو ۽ انساني تاريخ ۾ انسانيت جو سڀ کان وڏو ۽ ناقابل شڪست ڪيس پيش ڪرڻ واري عظيم ڪارل مارڪس کي بک ۽ غربت. ڀيانڪ مصيبتن. ڳوڙهن ڏکن بيپناهه درد ۽ زال ٻارڙن جي ڪاڌي جي ڪوٽ جي سبب کان موت جهڙي ناقابل برداشت ۽ ڳوڙها زخم ملي ڪري به هن کي انسانيت جي ڪورٽ ۾ پنهنجو ڀرپور ۽ شاندار ڪيس داخل ڪرڻ کان روڪي نه سگهيا. انسان جو عمل ان جي حاصل ٿيل علم جي ٺيڪ سان جذب ٿي وڃڻ جو اهو اڪيلو پيمانو آهي. عمل انسان جي هئڻ جي نشاني آهي. جديد فلسفي جي باني "ڊيڪارٽ" جڏهن چيو هو ته "مان سوچان ٿو ان ڪري مان آهيان" ته هن کي ڪافي عرصي کانپوءِ "فختي" جواب ڏنو هو ته "مان عمل ڪريان ٿو ان ڪري مان آهيان"
انهن پنهي فردن ۾ عمل جو آواز ۽ پڪار هئي. جنهن جو پڙاڏو شعور و ذهن جي مختلف حصن کان ٿي ڪري ٻاهر اچي رهيو هو
علم عمل جو ۽ عمل علم جو اڌ دائرو آهي. ان لاءِ هر حقيقي علم جو پورائو عمل سان ۽ عمل جو پورائو علم يا نظريي سان هيئنر تائين ٿيندو آيو آهي ۽ اهو سلسلو لامحدود زماني تائين ائين ئي هلندو رهندو
جن جو علم انهن جي عمل سان اتفاق نه ڪندو هجي ته پوءِ اهي زندگي جي محبت ۾ وڪ وڌائڻ جي لائق ناهن هوندا. ڇاڪاڻ ته حقيقي محبت. حقيقي علم جي تازي عمل سان گڏ اتفاق جو نتيجو هوندي آهي.
خليل جبران چئي ٿو ته زندگي جيڪڏهن خواهش کان خالي هجي ته اها مصيبت آهي. خواهش يا جذبو علم بنا انڌو آهي علم عقل کانسواءِ اٽيورو ۽ عمل محبت کانسواءِ وحشيت ۽ درندگي آهي

بقايا 01

ذريعن ٻڌايو آهي ته ظاهر شاهه پنهنجي استعيفيٰ جي تصديق ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ڊپٽي چيئرمين ظاهر شاهه جي عهدي تان استعيفيٰ جو سبب في الحال سامهون نه اچي سگهيو آهي.

بقايا 02

گلف ڪوآپريشن ڪائونسل (GCC) ملڪن سان دفاع، زراعت، معدنيات، آئي ٽي ۽ توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪرائي سگهي. نگران وڏي وزير چيو ته SIFC جي اپيڪس ڪميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان هو شگر انڊسٽري سميت سنڌ جي زرعي شعبي جي پيداوار ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته هو عوام جي بهتر زندگي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ تي پڻ يقين رکي ٿو جيڪي معيشت جي بدحالي سبب وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن مقامي هوٽل ۾ منعقد پاڪستان سوسائٽي آف شوگر ٽيڪنالوجسٽ جي 55 هين ساليانه ڪنوينشن جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. پاڪستان سوسائٽي آف شوگر ٽيڪنالوجسٽ (PSST) جي صدر زاهد محمود قريشي، شگر انڊسٽري ۽ مختلف ماهرن وڏي وزير جو استقبال ڪيو. هن چيو ته پي ايس ايس ٽي جو بنياد شگر ٽيڪنالاجي جي ماهرن ۾ آگاهي پکيڙڻ جي بنيادي مقصد لاءِ رکيو ويو هو. هن سوسائٽي جي ميمبرن ۾ ڪمند جي صنعت بابت ڄاڻ ۽ نوان خيال پهچائڻ لاءِ ورڪشاپ، سيمينار ۽ ساليانه ڪنوينشن منعقد ڪرڻ تي سوسائٽي کي ساراهيو. نگران وڏي وزير چيو ته گذريل سالن ۾ صوبي ۾ 33 شگر ملن سان اسان جي شگر انڊسٽري تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. جسٽس باقر چيو ته 23-2022ع جي سيزن ۾ لڳ ڀڳ 290000 هيڪٽر ايراضي تي ڪمند پوکيو ويو، مجموعي طور 16.8 ملين ميٽرڪ ٽن ڪمند جي ڪرشنگ ٿي ۽ 1.75 ملين ميٽرڪ ٽن کنڊ پيدا ٿي. هن چيو ته گذريل سال 22-2021 جي ڀيٽ ۾ کنڊ جي پيداوار ۾ اٽڪل 0.33 ملين ميٽرڪ ٽن اضافو ٿيو آهي جنهن سان کنڊ جي ڪل پيداوار 2.08 ملين ميٽرڪ ٽن ٿي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي ڪل 250000 ميٽرڪ ٽن کنڊ جي برآمد مان اسان گذريل سيزن دوران 80000 ميٽرڪ ٽن کنڊ برآمد ڪئي هئي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان مجموعي طور تي ۽ سنڌ خاص طور تي قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي پر ٿهن هوندي به اسان کي اڃا تائين مڪمل صلاحيت خاص طور تي زرعي وسيلن مان فائدو کڻڻو آهي. تازو ٿي موسمياتي تبديليءَ اسان جي ملڪ کي گهڻو متاثر ڪيو آهي ۽ 2022ع جي چوماسي مند کانپوءِ آيل ٻوڏ اسان جي صوبي کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ اٽڪل 3.6 ملين ايڪڙ تيار فصل کي نقصان پهتو جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي هارين کي 421.2 ارب رپين جو معاشي نقصان ٿيو. جسٽس باقر چيو ته سنڌ حڪومت ڪيش ريمبرسمينٽ پروگرام تي تمام گهڻي محنت ڪئي جنهن تحت 25 ايڪڙ تائين جي ننڍن هارين کي 5 هزار رپيا في ايڪڙ نقصان جي ازالي لاءِ ڏنا ويا. ان کان علاوه حڪومت ڪڻڪ جي گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت 4000 رپيا في ڪلو ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو جنهن سان هارين کي ڪڻڪ جي پيداوار لاءِ همٿايو ويو ۽ نتيجي ۾ سنڌ ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل ٿيو. وڏي وزير چيو ته موسمياتي تبديلين جي تباهي سان اسان جي زرعي شعبي سميت شگر انڊسٽري ۾ سلي پيداوار لاءِ مناسب قدمن سان ماحولياتي ترقي ۽ برابري جي ضرورت آهي. هن چيو ته ڪمند جي ڪرشنگ سيزن 24-2023ع جي شروعات 15 نومبر 2023ع کان ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته زراعت کاتي ايندڙ ڪمند جي موسم لاءِ بيس لائين قائم ڪري پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ڪيو آهي. جسٽس باقر چيو ته ڪمند جو گهٽ ۾ گهٽ اگهه 425 رپيا في مڻ (40 ڪلوگرام) مقرر ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته فيصلي ۾ اهو به لازمي قرار ڏنو ويو آهي ته شگر فيڪٽريون ڪرشنگ سيزن جي بحالي تي معياري پريميئر ادائيگي وارو نظام لاڳو ڪن. مزيد چيو ته 50 پئسا في 40 ڪلوگرام جي پريميئم شرح 8.7 سيڪڙو بينچ مارڪ تي 0.1 سيڪڙو اضافي سوڪروز اوڳاڙي لاءِ منظور ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ايسٽ ايشين ٽائيگرز پڻ حڪومت-صنعت-تعليم ۾ پارٽنرشپ تي ٻڌل هڪ سهڪاري ٽريپل هيلڪس ماڊل' کي اپنائڻ سان شاندار معاشي ترقي حاصل ڪئي. جسٽس باقر پاڪستان سوسائٽي آف شوگر ٽيڪنالوجسٽ تي زور ڀريو ته هو ڪنوينشن، ورڪشاپ ۽ سيمينار منعقد ڪن ته جيئن شوگر انڊسٽري ۾ ٽيڪنالاجي جي اپ گريڊيشن کي هٿي وٺرائڻ ۽ پيداوار وڌائڻ لاءِ هڪ جامع روڊ ميپ ۽ تجويزون تيار ڪيون وڃن جيڪي اسان جي معيشت جي بحاليءَ لاءِ ضروري آهن. وڏي وزير چيو ته جيتوڻيڪ اسان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي پر زرعي تبديلي ذريعي معيشت کي بحال ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان سوسائٽي فار شوگر ٽيڪنالوجسٽ کنڊ جي صنعت سان لاڳاپيل نوان خيال پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ متحرڪ پليٽ فارم طور ڪم ڪندو رهندو.

بقايا 03

جي اعلان تي غور ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته قانون واري وزارت جو موقف آهي ته چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي ٻئي طرف مسلم ليگ ن جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته عارف علوي صدارتي مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ صدارتي هائوس خالي ڪرڻ جي تاريخ ڏئي، بيد ڪئي پي ٽي آءِ سيڪريٽريٽ ڏانهن هليو وڃي هن چيو ته معاشي دهشتگرد چونڊون نٿا چاهين پر ملڪ ۾ معاشي، سياسي ۽ آئيني بحران آهي. جيل ۾ ويٺل رياستي ۽ معاشي دهشتگرد ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي برداشت نه ٿو ڪري. ن ليگ اڳواڻ عطا تارڙ دعويٰ ڪئي آهي ته صدر پاڪستان جو مدو 9 سيپٽمبر تي ختم ٿي ويو آهي. هو عبوري صدر آهي. ڪيس چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ڪنهن ڏنو؟ عبوري صدر نئين صدر جي مقرري تائين آفيس ۾ رهي ٿو.

بقايا 04

مختصر ڳالهه ٻول ڪئي گهرواري جي ورسي جي سوال تي اڳوڻي وزيراعظم چيو ته ڪلثوم نواز کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکو نواز شريف کان صحافي سوال ڪيو ته ڀارت ۾ جي 20 جو اجلاس ٿيو ۽ پاڪستان ان ۾ شامل ناهي؟ ان سوال تي نواز شريف جو چوڻ هو ته 2017ع ۾ جو تسلسل رهي ها ته جي 20 جو اهو اجلاس پاڪستان ۾ ٿئي ها. اڳوڻي وزيراعظم وڌيڪ چيو ته تسلسل رهي ها ته پاڪستان جي 20 ۾ شامل ٿي چڪو هجي ها يا ٿيڻ وارو هجي ها.

بقايا 05

جي اندر ڪنهن به پئي عمارت جي تعمير کي قبول نٿي ڪري سگهي، پاڪستاني حدن جي اندر افغانستان جي تعميرات پاڪستان جي خودمختاري جي ڀڃڪڙي آهي. هن چيو ته 6 سيپٽمبر تي افغان فوجين پرامن حل جي بجاءِ پاڪستاني چوڪين تي فائرنگ ڪئي، افغان فوجين طورخم بارڊر جي ٽرمينل کي نقصان پهچايو افغان فورسز جي فائرنگ پاڪستاني ۽ افغان شهرين جي حياتين کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن کين تعمير کان روڪيو ويو ته انهن فائرنگ شروع ڪري ڏني. ممتاز زهرا بلوچ چيو ته اهڙي قسم جون ڀڃڪڙيون ۽ فائرنگ قبول نه ڪندا سين. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي تجزياتي ٽيم به پنهنجي رپورٽ ۾ اهڙي ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي. هن چيو ته اسان هميشه چيو آهي ته اسان جي خواهش آهي ته افغانستان سان گڏ سرحد پنهي ملڪن وچ ۾ امن ۽ دوستي جي سرحد هجي. اسان ڪيترن ڏهاڪن کان پنهنجي افغان ڀائرن ۽ ڀينرن جي کلي دل سان ميزباني ڪئي آهي، افغان سرحد تي مقرر افغان فوجين طرفان مسلسل ڇڙ ڇاڙن باوجود صبر جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ ڳالهين کي اوليت ڏني آهي. ممتاز زهرا وڌيڪ چيو ته پاڪستان سمورن بطرفن مسئلن ۽ خدشن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن ٻئي ملڪ اقتصادي رابطن ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ خوشحالي جو فائدو کڻي سگهن. اسان اميد ڪريون ٿا ته افغان عبوري اختياريون پاڪستان جي خدشن کي ذهن ۾ رکندي پاڪستان جي علائقائي سالميت جو احترام ڪنديون ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائينديون ته افغان زمين پاڪستان جي خلاف دهشتگرد حملن لاءِ استعمال نه ٿين.

بقايا 06

جي فرق کانسواءِ سمورن شهرين کي سماجي مذهبي، سياسي ۽ معاشي حق ڏئي ٿو. هن چيو ته جڙانوالا واقعي جي ذميوارن کي عبرت جو نشان بڻايو ويندو. اقليتي برادري پنهنجا وسيلا ۽ تجويز حڪومت تائين پهچائي، جيترو ممڪن ٿيو مسئلا حل ڪنداسين. هن چيو ته اقليتي برادري پاڪستاني افرادي قوت جو بنيادي حصو آهي جنهن جو پاڪستان جي ترقي ۾ هڪ اهم ڪردار آهي. وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ته هڪ ٻئي جي عقيدي جي احترام سان ئي پُرامن ۽ خوشحال معاشرو جڙي سگهي ٿو. انتها پسندي کي ختم ڪرڻ لاءِ سمورين ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا 07

ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ شيخ رشد احمد چيو ته مسئلو سياست جو نه آهي غربت ۽ معيشت جو آهي. جيڪي 16 مهينن جي لاءِ غريب کي ريليف ڏيڻ آيا هئا اهي غريبن کي تڪليفون ڏئي پرڏيهه روانا ٿي ويا آهن. 16 مهينن ۾ هنن پنهنجا سمورا ڪيس به ختم ڪرايا ۽ ملڪ جي نالي جي قرلت به ڪئي هنن غريب کي اونداهي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو شيخ رشيد چيو ته جيڪي چوندا هئا اسان رياست بچائڻ آيا آهيون انهن رياست کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو جو ته عوام جو نالو ئي رياست آهي. عوام ئي 16 مهينن ۾ تباهه برباد ٿي وئي. جيستائين عوام خوشحال نه ٿيندي ملڪ ۾ استحڪام نه ايندو. ڪاروبار جو ٿيندو ته هلندو ۽ جيستائين ڪاروبار جو ٿيندو ته هلندو ملڪ جون معاشي ۽ اقتصادي حالتون بهتر نه ٿينديون اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته جيڪڏهن غريب کي بنيادي زندگي جي ضرورت جون شيون نه ملنديون ۽ اهي سندس پهچ کان ٻاهر هونديون ته هو ڪيئن زندگي گذاريندو لنڊن ۾ ويٺل ماڻهون سڪون سان زندگي جا مزا ماڻي رهيا آهن انهن کي اهو به احساس نه آهي ته پاڪستان ۾ غريب تي بجلي، پيٽرول، اٽي ۽ کنڊ جا بم ڪيرايا پيا وڃن جيڪو سڀ ڪجهه انهن جو ڪيل آهي پر هاڻ ان جي انهن کي فڪر نه آهي. اڳوڻي گهرو وزير چيو ته گرفتارين سان مسئلن جو حل نه نڪرندو لياقت علي خان کان وٺي اڄ تائين احتساب جو عمل جاري آهي پر ڪنهن به وڏي ماڻهو کي سزا نه ملي آهي انصاف وڏي ماڻهو جي اڳيان هٿ ٻڌي بيهي رهندو آهي ۽ سزا صرف غريب کي ملندي آهي. شيخ رشيد چيو ته 80 سيڪڙو شگرملون سياستدانن جون ملڪيتون آهن. ڪو به ماڻهو شوگرملز لڳائي نٿو سگهي. هي پنهنجي دور ۾ پنهنجي مرضي جا فيصلا ڪندا آهن هر ڪابينه ۾ 2-3 شوگرملز مالڪان وزير ضرور هوندا آهن. جڏهن ڪابينه ۾ 2-3 شوگرملز مالڪ وزير هوندا ته اهي پنهنجي مفاد کي اوليت ڏيندا ڪنهن ٻئي غريبن جي مسئلن تي ڌيان نه ڏيندا. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته مون کي پوري اميد آهي ته رب پاڪ هن ملڪ جي حالتن ۾ بهتري پيدا ڪندو ۽ غريب کي جيئڻ جو حق ملندو. جيڪي ماڻهو اهو سوچي ويٺل آهن ته اسان کان ڪير به پڇڻ وارو نه آهي. انهن جو به پڇاڻو ٿيندو ۽ اهي آئين ۽ قانون جي دائري ۾ ايندا. آئين ۽ قانون تي عمل ٿيڻ سان ئي ملڪ ترقي ڪندو. جيڪڏهن آئين ۽ قانون تي عمل نه ٿيو ته مسئلا وڌيڪ سنگين ٿي ويندا.

بقايا 08

ويو. نئين عدالتي سال جي تقريب کي خطاب ڪندي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته فيبروري 2023ع ۾ سپريم ڪورٽ جي سامهون ڪيترائي آئيني ڪيس آيا، آئيني اشوز ۾ منجهائي عدالت جو امتحان ورتو ويو سندس چوڻ هو ته گذريل سال هڪ تقريب ۾ عدالت جي هڪ سال جي ڪارڪردگي تي روشني وڌي هئي، هڪ سال ۾ ريڪارڊ 23 هزار ڪيس اڪلايا آهن. ان کان اڳ هڪ سال دوران اڪلايل ڪيسن جو وڌ کان وڌ انگ 18 هزار هو. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته دير جو شڪار ڪيسن جو انگ 2 هزار تائين گهٽائي سگهيا. هن چيو ته عدالت پاڻ ڪيترائي ڀيرا سخت امتحان ۽ ماحول جو شڪار ٿي، هو اهي واقعا ورجائڻ نه ٿا چاهن جيڪي ٿيا پر ان سان عدالتي ڪارڪردگي متاثر ٿي. آڊيو ليڪس ڪيس ۾ سمورا واقعا سندس فيصلي جو حصو بڻيل آهن. نامزد چيف جسٽس فيض عيسيٰ جي حوالي سان هن چيو ته سندن نئين آيل چيف جسٽس کان مختلف راءِ ٿي سگهي ٿي پر ٿون آيل چيف جسٽس قابل تعريف شخص آهي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته ميڊيا سماج جون اکيون ۽ ڪن آهن. سندس حوالي سان به ميڊيا ۾ غلط رپورٽنگ ڪئي، گرد توسي يو واري سندس جملي کي غلط رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. شارٽ اينڊ سوئيٽ ججمينٽ بابت آبزرويشن جي به غلط رپورٽنگ ٿي. جيڪر ٿيڻ کي درگذر ڪيان ٿو.

بقايا 09

هر قائداعظم غير مسلم شهرين لاءِ به محفوظ ملڪ ناهي، قائداعظم جي نظريي جي بنياد تي قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو شهيد 1973ع جو آئين ناهيو 1973ع پاڪستان جي بقا جو ضامن آهي. 18هين آئيني ترميم وفاق ۽ وفاق وچ ۾ مضبوط رشتو آهي

بقايا 10

زبيرچريا جي موت واري سزا خلاف اپيلون رد ڪندي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ رئوف صديقي کي بري ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ بلديا فيڪٽري سانحي ڪيس ۾ داخل اپيلن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو عدالت جوابدارن رحمان ڀولا ۽ زبيرچريا جي موت واري سزا خلاف اپيل رد ڪري ڇڏي. جڏهن ته رئوف صديقي سميت 4 جوابدارن جي بريت خلاف حڪومتي اپيل به رد ڪري ڇڏي، عدالت رئوف صديقي، عبدالستار، اقبال اديب خانم ۽ عمر حسن جي بريت خلاف حڪومتي اپيل رد ڪري ڇڏي. ان کان علاوه سنڌ هاءِ ڪورٽ عمر قيد جي سزا ٻڌايل 4 جوابدارن جون اپيلون منظور ڪري ورتيون. عدالت شاهه رخ، فضل، ارشد محمود ۽ علي محمد جون سزائون رد ڪندي جوابدارن جي عمر قيد جي سزا خلاف اپيلون منظور ڪري ورتيون.

بقايا 11

ڪانسواءِ مسلمانن لاءِ آزاد رياست جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهي ها. هن چيو ته پاڪستان هن وقت مشڪل دور مان گذري رهيو آهي، اسان کي اختلاف ختم ڪري پاڪستان جي ترقي لاءِ ڏينهن رات گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

بقايا 12

فورسز جي گاڏي کي نشانو بڻايو ويو آهي. ڌماڪي کان پوءِ فوري طور تي قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ايس پي ورسڪ ارشد خان موجب ڌماڪو ورسڪ روڊ تي فرنٽيئر ڪور جي گاڏي تي ٿيو هن شڪ ظاهر ڪيو ته ڌماڪو آءِ اي ڊي هو. بي ڊي يو ۽ سي ٽي ڊي جون ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون آهن. ريسڪيو ترجمان موجب ڌماڪي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 13

کي پاڻ روزگار لاءِ پڻ تيار ڪرڻ ۾ وڏو فائدو پهچندو. اهڙي طرح هو مالي طور تي پاڻ خودمختيار ٿيندا. اها ڳالهه هن بابائي جناح شارع قائدين ڪراچي ۾ الخدمت ڪراچي جي نوجوانن کي اختيار بڻائڻ لاءِ پروگرام "بنو قابل-1" ۽ "بنو قابل-2" پروگرام جي شروعات جي موقعي تي چئي. بنو قابل پروگرام جو مقصد شهر جي نوجوانن کي مفت جديد آئي ٽي اسڪلز فراهم ڪري بااختيار بڻائڻو آهي، ۽ هڪ ٽي اعتماد ڪيريئر قائم ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪرڻ آهي. جاڻايل پروگرام جي ڪيمپسز جي تعداد 12 کان وڌائي ڪري 25 ڪيو ويو آهي ۽ بنو قابل 2 پروگرام جي تحت 30000 شاگرد گريجوئيشن ڪري سگهن ٿا. گهرو وزير حارث نواز شهر جي نوجوانن لاءِ اهڙو ڪارائتو پروگرام شروع ڪرڻ تي منتظمين جي ڪوششن جي تعريف ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته "غير سرڪاري ۽ پلائي جي تنظيمن ملڪ ۽ ان جي عوام جي ترقي لاءِ عزم جي طور تي خاص طور تي تعليم جي شعبي ۾ مثالي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي ۽ ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڪوششن جي ضرورت آهي". گهرو وزير وڌيڪ چيو ته صوبي جي نوجوانن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو ڇو ته نوجوان نسل هن ملڪ جو مستقبل آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف ڀرپور ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن. صوبي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيلن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف جلد آپريشن شروع ڪيو ويندو.

بقايا 14

جي گهٽتائي سان 45 هزار 977 تي اچي وئي گذريل ڪاروباري هفتي جي آخر ۾ 100 انڊيڪس 46 هزار 13 پوائنٽس تي بند ٿيو.

بقايا 15

ڪو جواب ناهي ڏنو ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڊيوڊينڊ پلگ ان بيڪ اسڪيم ذريعي گئس سيڪٽر جو گردشي قرض چار سئو ارب رپيا گهٽائڻ جو پلان ڏنو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان اختياريون آءِ ايم ايف سان ڊيوڊينڊ پلگ ان بيڪ اسڪيم کي اقتصادي جائزي ۾ پيهر پيش ڪنديون. ذريعن موجب. گئس سيڪٽر جو گردشي قرض گهٽائڻ لاءِ پلان آءِ ايم ايف جي رضامندي سان ئي تيار ڪيو ويو ۽ پلان تحت او جي ڊي سي ايل، پي پي ايل، جي ايڇ پي ايل جي ڊيوڊ ينڊ گردشي قرض ۾ ايڊجسٽ ڪرڻا هئا.

بقايا 16

ڪري ورتو ڪراچي پوليس موجب ڪورنگي جي مختلف علائقن مان 45 افغانين کي گرفتار ڪيو ويو آهي، اوڀر ضلعي مان 18، اولهه ضلعي مان 34، ملير ضلعي مان 14 جڏهن ته سٽي پوليس 9 افغانين کي گرفتار ڪيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته غير قانوني طور رهندڙ افغانين خلاف ڪريڪ ڊائون دوران گذريل 24 ڪلاڪن دوران مختلف علائقن مان 121 افغانين کي گرفتار ڪري پرڏيهي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته افغان شهرين مان شڪي ماڻهن جا ڪرمنل رڪارڊ به حاصل ڪيا پيا وڃن ٻئي طرف رينجرز به حب چيڪ پوسٽ تي اسنيپ چيڪنگ دوران غير قانوني پرڏين خلاف ڪارروايون ڪندي 41 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. رينجرز ترجمان موجب گرفتار ٿيلن مان 25 افغان شناختي ڪارڊن جو مدو پورو ٿي چڪو هو. جڏهن ته 16 ڄڻن جا شناختي دستاويز پيش نه ٿي سگهيا آهن.

بقايا 17

آخري ڏينهن تي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر 302 رپيا 95 پئسا تي بند ٿيو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 4 رپيا 50 پيسا سستو ٿيڻ بعد 300 رپيا 50 پئسا ٿي ويو آهي. گذريل ڪاروباري هفتي جي پڇاڙي تي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 305 رپين جي سطح تي هو انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ هڪ رپيو جو فرق رهيو.

بقايا 18

ڏکڻ چيو آهي ته لاروا جي خاتمي لاءِ ندين نالن، نرسرين ۽ پين واٽر ڪيچمينٽ ايريا ۾ اسپري کي يقيني بڻايو ويندو الطاف ساريو چيو ته سٽي اسسٽنٽ ڪمشنر به پنهنجي لاڳاپيل علائقن ۾ ٽائر شاپس ۽ زير تعمير عمارتن تي اسپري سان گڏ پاڻي گڏ ڪرڻ کي روڪڻ لاءِ قدم کڻن. ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ضلعي اسسٽنٽ ڪمشنر کي پڻ هدايت ڪئي ته هو عوام ۾ ڊينگي کان بچاءُ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ پبليڪيشن مهم شروع ڪن.

بقايا 19

وڏي وزير پنجاب چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري جي حڪم باوجود گرفتار نه ٿيڻ تي آءِ جي اسلام آباد جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. عدالت عدم پيشي تي آءِ جي اسلام آباد جا وارنٽ جاري ڪندي آءِ جي اسلام آباد کي 18 سيپٽمبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا 20

تي شهرين جي حقن جي سوديبازي نه ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قائداعظم جو جمهوريت دوست نظريو ۽ جديد اسلامي فلاحي رياست جو ويزن روشن آهي. ان موقعي تي هن واعدو ڪندي وڌيڪ چيو ته اسان ڪنهن مصلحت ۽ سمجهوتي بغير بابا قوم جي ڏنل رستي هلنداسين.

بقايا 21

رفتار سست آهي. اسان جي ڪوشش آهي ته ٻوڏ متاثرن لاءِ گهرن جي اڏاوت جو ڪم تيزيءَ سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن ٻي گهر ٿيل متاثرين جي تڪليفن کي گهٽ ڪري سگهجي. هن چيو ته ان مقصد لاءِ اسان هر مهيني هڪ لک گهرن جي تعمير شروع ڪرڻ جو ٽارگيٽ ڏنو آهي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تيز رفتار جي تعمير لاءِ هر مهيني 20 ارب رپيا جاري ڪرڻ جي هدايت آهي. سنڌ حڪومت جي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پينشن فنڊ جي گهڻي طلب ۽ گهٽ دستيابي سبب پينشن جي ادائيگي ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. هن چيو ته پينشن جي بجيٽ ۾ آهستي آهستي اضافو ڪيو ويندو. محمد يونس ڍاڳا چيو ته نگران حڪومت جو مينڊيٽ محدود آهي پر اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته محدود مينڊيٽ ۾ رهي عوامي ڀلائي جا ڪم ڪيا وڃن. نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا سرڪاري کاتن ۾ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي لاءِ ڪيل قدمن تي ڳالهائيندي چيو ته سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ خرابڪ ڪندڙ آفيسرن جي جاءِ تي سٺي ساک رکندڙ آفيسر مقرر ڪيا ويا آهن. هن چيو ته روينيو کاتي ۾ زمينن جي رڪارڊ کي ڊيجيٽلائيزيشن ذريعي بهتر ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ هن هدايت ڪئي آهي ته روينيو کاتي جي خرابين کي سائنسي بنيادن تي ڪمپيوٽرائيزيشن ذريعي بهتر ڪيو وڃي نگران صوبائي وزير ناڻي، روينيو ۽ رٽابندي ۽ ترقي سنڌ محمد يونس ڍاڳا چيو آهي ته هو ڪراچي جي ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ تيزيءَ سان بهتري آڻڻ لاءِ خانگي شعبي جي سهڪار سان پاليسي جو خاڪو ڏئي ڪري ويندو. هن چيو ته نگران حڪومت صوبي جي عوام جي ڀلائي جي منصوبن تي پنهنجي محدود مينڊيٽ ۾ عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي ڪوششڪري رهي آهي.

بقايا 22

فوري طور نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ملتان ۾ ٿيل ڪابينا جي اجلاس ۾ 39 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو ڪابينا اجلاس ۾ بزرگ شهرين، معذورن ۽ شاگردن کي ميٽرو بس ۽ اورنج لائن ٽرين ۾ مفت سهولت فراهم ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي.

بقايا 23

فضل الرحمان جي مرضي جو گورنر مقرر ٿيو ته هو مهانگائي کي وساري ويٺو آهي. مظفر ڳڙهه ۾ جلسي کي خطاب ڪندي سراج الحق چيو ته جيڪڏهن قوم جي ڳالهه نه ٻڌي وئي ته شٽرڊائون هڙتال يا اسلام آباد ۾ ڌرڻو هنيو ويندو عوام مايوس نه ٿئي جماعت اسلامي عوام جي اميد آهي سراج الحق چيو ته منهنجو جهيڙو ملڪ ۾ ڪرپشن، جهالت، مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خلاف آهي. ڏکڻ پنجاب جڏهن جاڳندو آهي ته دنيا جي ڪا به طاقت ان جي مخالفت نٿي ڪري سگهي. هن وقت مهانگائي ۽ بيروزگاري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. مهانگائي سبب ماڻهن جي چهرن تان مسڪراهٽ ختم ٿي وئي آهي جماعت اسلامي جي امير چيو ته اڄ گهر هلائڻ، ٻارن کي پڙهائڻ ۽ بيمار والدين جو علاج ڪرائڻ مشڪل ٿي ويو آهي. وزيراعظم جوئي ٿو ته آءِ ايم ايف کان بجلي جا بل قسطن ۾ وٺڻ جي اجازت وٺنداسين هي ڪنهن ايم اين اي ۽ ايم پي اي جو ميٽر به نٿا لاهي سگهن. سراج الحق وڌيڪ چيو ته مولانا فضل الرحمان مهانگائي خلاف ڌرڻو هنيو هو. جڏهن جي يو آءِ جو گورنر بڻجو ته مولانا فضل الرحمان مهانگائي کي وساري ويٺو. شهباز شريف، نوازشريف، آصف زرداري به پنهنجو پاڻ کي احتساب جي لاءِ پيش ڪن.

بقايا 24

علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. پاڪ افغان هاءِ وي کي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو ويو آهي. خيبرپختونخوا پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي بم ڌماڪي واري هنڌ طلب ڪيو ويو آهي. خيبر پوليس جو اهو به چوڻ آهي ته ڌماڪي ۾ مارجي ويل شخص جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 25

عوام غيرمحفوظ. عملي طور سنڌ ڌاڙيلن رهزنن ۽ مختلف مافيائن جي حوالي آهي. صرف گذريل هڪ مهيني ۾ ڪراچي جهڙي شهر ۾ رهزني جي وارداتن ۾ 50 ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو. عوام پنهنجي گهرن گهٽين ۾ محفوظ ڪونه آهي جيڪو گڊ گورننس جي دعويدار حڪومت جي منهن تي چماٽ آهي. ڪائونسلر محمد حبيب جو رت اجايو نه ويندو قاتل ضرور پنهنجي انجام تي پهچندا ڇو ته رب سائين وٽ دير ضرور آهي پر انڌير ڪونه آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سرجاني واري علائقي ۾ ڪندا مافيا هٿان شهيد ٿيندڙ يوسي 5 منگهو پير ٽائون جماعت اسلامي جي منتخب ڪائونسلر محمد حبيب جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت جي موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب دوران ڪيو صوبائي امير محمد حسين محنتي، ضلعي امير محمد يوسف ۽ اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا سميت مرحوم جو پٽ پاءِ بيا مٽ مائٽ پڻ موجود هئا. جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو ته جماعت اسلامي هر دور ۾ هر ظلم ۽ ظالم کي لڪاريو آهي. جماعت اسلامي جو چونڊيل ڪونسلر علائقي جي عوام سان هرمسئلي تي گڏ بيٺل رهيو جيڪا ڳالهه اڳوڻي صوبائي حڪومت جي سرپرستي ۾ قائم قبضاگيرن ۽ ڪندا مافيا کي پسند ڪونه آئي ۽ جماعت اسلامي جي ڪائونسلر کي رستي تان هٽائڻ لاءِ شهيد ڪيو ويو. پيپلز پارٽي سنڌ ۾ ڌاڙيلن، ظالم سردارن جي سرپرست ۽ هٿي وري ڏاڍي واري شهر ۾ زمينن مٿان قبضا ڪندڙ قبضاگير مختلف سيڪٽر ۽ بجلي چوري ڪري ماڻهن کا پنا وٺندڙ ڪندا مافيا جي ساٿاري بڻيل آهي. جماعت اسلامي اهڙن مڙني ڪردارن توڙي سرپرستن کي بي نقاب ۽ قانوني جنگ وڙهندي، هن گهر ڪئي ته جماعت اسلامي جي چونڊيل ڪائونسلر محمد حبيب جي قاتلن توڙي سرپرستن کي گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي، ضلعي شمالي جي امير ۽ ناظر نيو ڪراچي ٽائون محمد يوسف چيو ته جماعت اسلامي شهيد محمد حبيب جي خاندان کي هرگز اڪيلو ڪونه ڇڏيندي، مرحوم جي قاتلن کي انجام تائين پهچائڻ لاءِ قانوني جنگ سان گڏ شهيد جي ٻارن جي تعليم توڙي خاندان جي ڪفالت جو فريضو سرانجام ڏيندي. ڇو ته جماعت اسلامي هڪ خاندان وانگر آهي اسان سڀ هڪ ٻئي جي درد کي پنهنجو درد سمجهون ٿا.

بقايا 26

ايس ايس يو جي مختلف يونٽن جي ڪارڪردگيءَ بابت بريفنگ ڏني ۽ ملڪ جي پهرين SSU سنڌ پوليس S.W.A.T ٽيم جي قيام بابت ٻڌايو ته ٽيم جا ڪمانڊوز بشمول ليڊيڪمانڊوز تربيت يافته ۽ جديد هٿيارن سان ليس آهن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هميشه تيار رهندا آهن. ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد پڻ نگران قانون واري وزير جو استقبال ڪيو ۽ ڪيس سيڪيورٽيڊويزن جي تحت اچڻ وارن يونٽس جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني. ان کان علاوه سنڌ جي نگران قانون واري وزير S.W.A.T ٽيم پاران دهشتگردن کي منهن ڏيڻ لاءِ فرضي مشقن جو پڻ مشاهدو ڪيو ڊي آءِ جي سيڪيورٽي سنڌ قانون واري وزير کي يادگاري شيلڊون پيش ڪيون.

بقايا 27

گهوٽڪي آغا شير زمان جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير لغاري سميت گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو، خانگڙهه، ڏهرڪي ۽ اوٻاوڙو جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجي پنهنجي تعلقي جي ڊيلرن کي ملندڙ يوريا بابت آگاهي حاصل ڪن ۽ يقيني بڻايو وڃي ته ضلعي جي ڪوٽا مقرر ٿيل قيمت تحت ضلعي ۾ ئي وڪرو ٿئي جڏهن ته ٻين ضلعن ڏانهن منتقل يا ذخيرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته تعلقن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جو اهم ڪردار هجي ٿو اُنڪري سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي گهرجي ته هو عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪن. اسپتالن ۽ اسڪولن جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو وڃي، هٿراڌو مهانگائي توڙي ذخيره اندوزن خلاف جوڳا قدم کنيا وڃن. هن چيو ته عملدارن جي سرگرم ٿيڻ سان صورتحال بهتر ٿيندي. روينيو آفيسن ۾ ايندڙ عام ماڻهن کي ٻڌو وڃي جن جي ڪا به سفارش ناهي هوندي. اسان جو بنيادي فرض به عام ماڻهن کي ٻڌي سندن داد رسي ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اي پي آئي پروگرام تي پڻ خصوصي ڌيان ڏنو وڃي ڇو ته روٽين امونائيزيشن کانسواءِ پوليو وائرس خلاف جاري مهم موثر نه ٿي سگهندي.

بقايا 28

سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس (ٽوئٽر) تي ڏيندي جاري ڪندي راشد لنگريال چيو آهي ته بجلي چوري ۾ ملوث 194 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. سيڪريٽري پاور راشد لنگريال جو چوڻ آهي ته بجلي چوري تي هن وقت تائين 352 ملين رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ليسڪو ۽ ميپڪو بجلي چوري تي ٻين ڪمپنين کان بهتر ڪم ڪري رهيا آهن.

بقايا 29

خان پاران داخل درخواست تي ٻڌڻي دوران جسٽس عقل احمد عباسي ۽ جسٽس مبين لاکو تي ٻڌل بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ 2 مهينن اندر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪندي ايڊمنسٽريٽر اقبال احمد چنا کي سوسائٽي جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ کان روڪيندي، سوسائٽي جو سمورو رڪارڊ اليڪشن ڪمشنر حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت ايڊمنسٽريٽر اقبال حسين چنا کي سوسائٽي ميمبرن ۽ ملڪيت جي دعويٰ ڪندڙ ۽ ميمبرن کي سوسائٽي ميمبرن کي ملڪيتي معاملن لاءِ ڪو آپريٽو ڪورٽ سان رابطي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو چونڊن کانپوءِ چارج ۽ لاڳاپيل رڪارڊ چونڊيل انتظاميه حوالي ڪري اير آءِ ٿو کي رپورٽ جمع ڪرائڻ جو پابند بڻائي ڇڏيو

بقايا 30

ميڊيا سان ڳالهائيندي جو بائيڊن چيو ته جي 20 اجلاس ۾ يوڪرين ۾ پائيدار امن جي ضرورت تي اتفاق ٿي ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيين رانڌ جي ڪجهه ضابطن کي تبديل ڪري رهيو آهي. اسان چين کي الڳ ڪرڻ يا بيجنگ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيا آهيون. آمريڪي صدر وڌيڪ چيو ته هر چين کي قاعدن ۽ ضابطن سان معاشي طور ڪامياب ڏسڻ چاهي ٿو. اميد آهي ته جلد چيني صدر شي جن پنگ سان ملاقات ٿيندي. هن چيو ته جڏهن ته آمريڪا انڊو-پيسفڪ ۾ هڪ مستحڪم بنياد برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهو نٿو لڳي ته چين جي معاشي مشڪلاتن سبب اهو تائيوان تي حملو ڪندو.

بقايا 31

تي سيڪريٽري صحت کي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. نگران صحت واري وزير سنڌ جي صحت واري سيڪريٽري منصور عباس رضوي کي ان افسوسناڪ واقعي ۾ لاپرواهي ڪندڙ ڊاڪٽرن خلاف ماهرن تي ٻڌل انڪوائري ڪميٽي جوڙڻ جو به حڪم ڏنو آهي. ڊاڪٽر سعد خالد نياز صحت واري سيڪريٽري کي ٻگ فرو ذريعي سمورن خانگي صحت جي ادارن کان ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ تيار ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ پيش نه ڪندڙ ادارن کي ڪا به گرانٽ نه ڏني ويندي. هوڏانهن نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد سماجي ڀلائي واري سيڪريٽري ساجد جمال ابڙو سان رابطو ڪري ڪيس راڻي پور جي پير جي حويلي مان بازياب ڪيل 7 ٻارڙن جي چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي پاران ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ياد رهي ته راڻي پور ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ پيرسن جي تشدد سبب گهر جي ملازمه معصوم فاطمه فوت ٿي وئي هئي، جنهن بعد پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڇوڪري سان زيادتي ۽ انتهائي تشدد جو به انڪشاف ٿيو هو.

بقايا 32

ويندي آهي. پيپلزپارٽي غريب عوام جي حقن لاءِ هر محاذ تي جدوجهد جاري رکي آهي. ايندڙ وقت ۾ به عوام سان گڏ رهنداسين. پارٽي قيادت پاران سڪر جي ٽيم کي عوام جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ جيڪو ڪم ڏنو هو انهن ڪري ڏيکاريو آهي ٻوڏ سبب جيڪي ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ ڪئنالن جي ڪپرن تي ويٺل ماڻهن جا گهر ڊاٿا ويا انهن بي گهر ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته ميئر سکر کي ڪچي آبادي کي پڪو ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو آهي. پيپلزپارٽي عوامي خدمتون ڪري شهيدن جي واعدن کي پورو ڪري رهي آهي. اسان اقليتي برادري ۾ پلاٽ ورهايا آهن. عوام جي خدمت پ پ پ جو مشن آهي. اليڪشن ۾ عوام جي ووٽ جي طاقت سان پ پ پ ڪامياب ٿيندي ۽ ايندڙ حڪومت پ پ پ جي هوندي. عوام اسان تي يقين رکي ٿو اڄ تائين قائد عوام شهيد ذوالفقار ڀٽو کي انصاف ناهي مليو ۽ غريب عوام به انصاف کان محروم آهي. هن چيو ته پ پ پ جي سنڌ حڪومت تاريخي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن سڪر ۾ اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، چلڊرن اسپتال ۽ ڪينسر اسپتال جهڙا منصوبا ڏنا آهن. سنڌ ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ صحت جون بهتر سهولتون موجود آهن. هتي ماڻهن کي منت علاج جي سهولت ملي پئي. ڪچين آبادين جو ڪم مڪمل ڪري وڌيڪ خاندانن کي مالڪاڻا حق ڏنا ويندا. شهيد صحافي جان محمد مهر جي ڪيس ۾ انصاف ڏيارڻ تائين پ پ خاموش نه ويهندي نگران حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا ته شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن. اليڪشن بعد پ پ اقتدار ۾ اچي عوام کي سمورو رليف فراهم ڪندي.

شگر انڊسٽري سميت زرعي شعبي جي ترقي ۽ بهتري صوبائي حڪومت جي ترجيح آهي: نگران وڏو وزير

گلف ڪوآپريشن ڪائونسل (GCC) ملڪن سان دفاع، زراعت، معدنيات، آئي ٽي ۽ توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪرائي سگهجي ٿو

ايپيڪس ڪميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان هو شگر انڊسٽري سميت سنڌ جي زرعي شعبي جي پيداوار ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري لاءِ پرعزم آهي

عوام جي بهتر زندگي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ تي پڪ يقين رکي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته شگر انڊسٽري سميت زرعي شعبي جي ترقي ۽ بهتري صوبائي حڪومت جي ترجيح آهي. هن چيو ته حڪومت پاڪستان تازو ئي هڪ اعليٰ سطحي "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل" قائم ڪئي آهي ته جيئن گلف ڪوآپريشن ڪائونسل (GCC) ملڪن سان دفاع، زراعت، معدنيات، آئي ٽي ۽ توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪرائي سگهجي. نگران وڏي وزير چيو ته SIFC جي ايپيڪس ڪميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان هو شگر انڊسٽري سميت سنڌ جي زرعي شعبي جي پيداوار ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته هو عوام جي بهتر زندگي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ تي پڪ يقين رکي ٿو جيڪي معيشت جي بدحالي سبب وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن مقامي هوٽل ۾ منعقد پاڪستان سوسائٽي آف شوگر ٽيڪنالوجسٽ جي 55 هين سالياني ڪنوينشن جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. پاڪستان سوسائٽي آف شوگر ٽيڪنالوجسٽ (PSST) جي صدر زاهد محمود قريشي، شگر انڊسٽري ۽ مختلف ماهرن وڏي وزير جو استقبال ڪيو. هن چيو ته پي ايس ايس ٽي جو بنياد شگر ٽيڪنالاجي جي ماهرن ۾ آگاهي پکيڙڻ جي بنيادي مقصد لاءِ رکيو ويو هو. هن سوسائٽي جي ميمبرن ۾ ڪمند جي صنعت بابت ڄاڻ ۽ نون خيال پهچائڻ لاءِ ورڪشاپ، سيمينار ۽ سالياني ڪنوينشن منعقد ڪرڻ تي سوسائٽي کي ساراهيو. نگران وڏي وزير چيو ته گذريل سالن ۾ صوبي ۾ 33 شگر ملن سان اسان جي شگر انڊسٽري تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. جسٽس

سکر يونين آف جرنلسٽس ۽ سکر پريس ڪلب جي گڏيل اجلاس

اجلاس ۾ ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانهن، جنرل سيڪريٽري احقر رضوي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

انس گهانگهرو، جلال الدين پيو، فريد ڪمبوهر، فريد سومرو، سجاد پاشا ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بدين ۾ حيسڪو پاران بجلي چوري

جي خلاف وڏو آپريشن چار سئو کان

وڌيڪ ناجائز ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ حيسڪو پاران بجلي چوري جي خلاف وڏو آپريشن چار سئو کان وڌيڪ ناجائز ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا ڇهن تي بقاياڻ ۽ بجلي چوري جا ڪيس داخل ڪيا ويا. تفصيل موجب حيسڪو بدين جي ايڪسيئن علي رضا پتي جي اڳواڻي ۾ حيسڪو جي خاص ٽيمن ڪالهه بدين شهر جي مختلف علائقن ۾ ناجائز ڪنيڪشنن جي خلاف وڏو آپريشن ڪندي چار سئو کان وڌيڪ ڪنيڪشن ڪاٽي لکين روپين جون سروس تارون پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيون آهن جڏهن ته بجلي چوري ۽ لکين روپيا بقايا جي الزام هيٺ سياسي اڳواڻ ڊاڪٽر حسن رضا ميمڻ اسلم ميمڻ عرف مرزا عبدالرحمان سومرو جي خلاف ماڊل ٿاڻي بدين تي ايف آءِ آر داخل ڪيون ويون آهن ايڪسيئن حيسڪو صحافين کي ٻڌايو ته هو نگران وفاقي وزير جي حڪم تي بجلي چورن ۽ بقايادارن جي خلاف ڪاروايون ڪري رهيو آهي جيڪي بجلي چوري جي خاتمي تائين جاري رهنديون

توڙي سرپرستن کي گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي. ضلعي شمالي جي امير ۽ ناظر نيو ڪراچي ٽائون محمد يوسف چيو ته جماعت اسلامي شهيد محمد حبيب جي خاندان کي هرگز اڪيلو ڪونه ڇڏيندي، مرحوم جي قاتلن کي انجام تائين پهچائڻ لاءِ قانوني جنگ سان گڏ شهيد جي ٻارن جي تعليم توڙي خاندان جي ڪفالت جو فريضو سرانجام ڏيندي، ڇو ته جماعت اسلامي هڪ خاندان وانگر آهي اسان سڀ هڪ ٻئي جي درد کي پنهنجو درد سمجهون ٿا.

ڪنڌڪوٽ ۾ نشي ۾ ڌت عاشق پاران عورتن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ تان جهيڙو

عاشق وحيد ملاح کي عورتن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ تان شيخ برادري پاران سخت ڪٽڪڙ

جهيڙي جي دوران هڪ عورت سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال داخل

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر ثناءالله ٽالپر) ڪنڌڪوٽ ۾ نشي ۾ ڌت عاشق پاران عورتن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ تان جهيڙو هڪ عورت سميت 6 ڄڻا زخمي، ٿاڻي تي وڏي تعداد ۾ عاشق پهچي ويا. خبر موجب ڪنڌڪوٽ ۾ گذريل رات ٽيل شيخ برادري جي پٽ واري دعوت تي پهتل عاشق وحيد ملاح کي عورتن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ تان شيخ برادري پاران سخت ڪٽڪٽ ڏئي گهر پيڙو ڪيو ويو جنهن جي پلاڊ ۾ اچ عاشق وحيد ملاح ملاح برادري جا ماڻهون ساڻ ڪري شيخ برادري جي گهرن ۾ ڪاهي پيو جنهن تان شيخ برادري ۽ ملاح برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن سبب عاشق وحيد ملاح جميل ملاح صاحب شيخ سنگت شخ لالو شيخ ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا هوڏانهن جهيڙي جي اطلاع تي ڪنڌڪوٽ ٿاڻي تي وڏي تعداد ۾ عاشقن جا ٽولا پهچي ويا هوڏانهن پوليس زخمين کي ٻنهي ڌرين مٿان اين سي داخل ڪري ڇڏي.

سرحد ۾ لکڻ عباسي تڪرار تان

هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو

مارجي ويو چار واڻهڙو زخمي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ لکڻ عباسي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو مارجي ويو چار واڻهڙو زخمي، ماڻهن ۾ پاڃ، شهر ۾ هراس.

خبرموجب سرحد شهر ۾ ٿاڻي جي پرسان موٽرسائيڪل سوار نامعلوم هٿيارٻندن فائرنگ ڪري دوڪان تي ويٺل ڳوٺاڻي خادم حسين عباسي کي گوليون هڻي ٿڏي تي ئي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدارن جي فائرنگ ۾ واڻهڙو ضمير لولائي، ناڪرداس، غفار پارو، شڪمان پيو، گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا. واقعي بعد جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. جڏهن ته فائرنگ وقت بازار ۾ ويٺل ماڻهن ۾ پاڃ پئجي وئي ۽ شهر ۾ پڻ هراس پکڙجي ويو. واقعي بعد سرحد پوليس ۽ مقامي ماڻهن واقعي واري هنڌ پهچي قتل ٿي ويل خادم عباسي جو لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمين جو علاج پڻ شروع ڪيو ويو هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ تي ڪيس سکر ڏنو ويو. خبر فائيل ڪرڻ تائين واقعي جو ڪو ڪيس وغيره داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي. جڏهن ته علائقي ۾ ڇڙيول آهن ته واقعو لکڻ عباسي تڪرار تان پيش آيو آهي. ياد رهي ته عباسي برادري جي ناري اتيلا عباسي لکڻ برادري جي نوجوان سان پسند جي پرڻي لاءِ گهران نڪري وڃڻ بعد لکڻ عباسي تڪرار شروع ٿيو هو جنهن ۾ لکڻ برادري جي چڱي مڙس رئيس اسماعيل لکڻ سميت 2 ماڻهون قتل ٿي چڪا آهن.

سجاول ۾ ٻاٿرن پاران موتمار

ڌمڪيون ملڻ تي پيرسن رٽائر استاد

جو پٽ ۽ معصوم ٻارن گڏ احتجاج

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ ٻاٿرن پاران موتمار ڌمڪيون ملڻ تي پيرسن رٽائر استاد جو پٽ ۽ معصوم ٻارن گڏ احتجاج، تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر. جاتي شهر جو رهواسي پيرسن رٽائر استاد واحد بخش سميجو ٻاٿرن پاران موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف پنهنجي پٽ عمران سميجو ۽ معصوم ٻارن سان گڏ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته آئون غريب مسڪين پرائمري رٽائر استاد آهيان ڌڪرو سميجو. خالد سميجو وارا منهنجا عزيز آهن جيڪا خانداني ناراضگين سبب ڪونه ٿهندا آهن. گذريل ڇهن مهينن کان نالي ذڪرو سميجو جيڪو پوليس جي نوڪري جي وجه سان مونکي ۽ منهنجي پٽ عمران سميجو کي مختلف قسمن جو موتمار ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جڏهن ته هراسان ۽ پريشان ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي. متاثر چيو ته اهڙي داڻهن هن جي پاءِ خالد سميجو کي پڻ ڏني جنهن الٽو اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي جاني مالي نقصان جون ڌمڪيون ڏنيون. متاثر وڌيڪ چيو ته آئون سخت پڇڙيوال ۽ هڪ رٽائر استاد آهيان منهنجي گهرواري فوت ٿي وئي آهي منهنجا صغير ٻچا آهن پينشن تي منهنجي گهر جو گذر سفر هلي ٿو ٿيو وري مذڪوره اسان کي وڌيڪ پريشان ۽ هراسان ڪري رهيا آهن. هن ايس ايس پي سجاول ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته اسان کي انهن ماڻهن مان جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

سواءِ نئي پوليس اسٽيشن تان ڪيس ٽرانسفر ڪري سگهي

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ايڊيٽر اعجاز مهر Reg No 2677 ABC Certified Daily SINDHYAR Karachi ڪراچي NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com

بقايا 01 سنڌيار

۽ ٻين شامل آهن جڏهن ته خانپور مهر پوليس ڪابه گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهيو آهي. واضح رهي ته مهر ڌر جي ٻن ڌرين وچ پراڻي تڪرار هلندڙ هو جنهن 6 کان وڌيڪ ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن.

بقايا 02 سنڌيار

ڏني وئي. مختلف برانچن جي سربراهن سان ملاقات بعد هن برانچن ۽ سموري آفيس جو دورو پڻ ڪيو. بعد ۾ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز احمد چانڊيو سمورن برانچن جي سربراهن سان گڏجاڻي ڪئي ۽ اجلاس ۾ مني لانڊرنگ، منشيات فروش، گٽڪا وڪرو ڪندڙن ۽ ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جا حڪم جاري ڪيا ۽ ملازمن کي آفيس ورڪ ۽ ڪم ڪارجي حوالي سان هدايتون ڏنيون. ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز احمد چانڊيو وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن عوام کي ڪو به جائز مسئلو آهي ته اسان جا دروازا عوام لاءِ 24 ڪلاڪ کليل آهن. انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي ۽ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 03 سنڌيار

مظاهرو ڊرٽو ڪيڻ بدين مين روڊ بند متاثرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو اسان جي زمين ۾ مال چاڙڻ تان منع ڪرڻ تي نوتيار برادري جي ماڻهن حملو ڪري زخمي ڪري وڌو جنهن جو ڪيس ڪيڻ ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر ڪيڻ پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري هنن وڌيڪ چيو جوابدار ڊرجا ماڻهو اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن نئين بدلي ٿي آيل ايس ايس پي بدين سيشن جج بدين کان مطالبو ڪيو اسان کي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي اگر اسان کي ڪو جاني مالي نقصان ٿيو ان جو زميوار ايس ايچ او ڪيڻ مير محمد ڪلوئي هوندو

بقايا 04 سنڌيار

جو حڪم. عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ٿيڻ گهرجن. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر آغا شير زمان جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير لغاري سميت گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو، خانڳڙهه، ڏهرڪي ۽ اوٻاوڙو جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجي پنهنجي تعلقي جي ڊيلرن کي ملندڙ يوريا بابت آگاهي حاصل ڪن ۽ يقيني بڻايو وڃي ته ضلعي جي ڪوٽا مقرر ٿيل قيمت تحت ضلعي ۾ ئي وڪرو ٿئي جڏهن ته ٻين ضلعن ڏانهن منتقل يا ذخيرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته تعلقن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن جو اهم ڪردار هجي ٿو انڪري سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي گهرجي ته هو عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪن. اسپتالن ۽ اسڪولن جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو وڃي، هٿرادو مهانگائي توڙي ذخيره اندوزن خلاف جوڳا قدم کنيا وڃن. هن چيو ته عملدارن جي سرگرم ٿيڻ سان صورتحال بهتر ٿيندي. روينيو آفيسن ۾ ايندڙ عام ماڻهن کي ٻڌو وڃي جن جي ڪا به سفارش ناهي هوندي، اسان جو بنيادي فرض به عام ماڻهن کي ٻڌي سنڌن داد رسي ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اي پي آءِ پروگرام تي پڻ خصوصي ڌيان ڏنو وڃي ڇو ته روٽين امونائيزيشن ڪانسواءِ پوليو وائرس خلاف جاري مهم موثر نه ٿي سگهندي.

بقايا 05 سنڌيار

ڊاڪٽرن ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ هيلٿ ورڪرن کي گهرجي ته هرڪو پنهنجي اسپتالن، صحت مرڪزن ۽ يوسي ۾ مقرر ٿيل علائقن ۾ ڪم ڪري اهڙو اظهار ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو دربار هال دادو ۾ هڪ اعليٰ سطحي ضلعي پوليو ڪميٽي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر نه تعلقه هيلٿ ٻين صحت کاتي جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي مخاطب ٿيندي ڊپٽي ڪمشنر دادو چيو ته هڪ ڏينهن جي ٻار کان 5 سالن وارن عمر جي ٻارڙن کي پوليوجا ڦڙا پيارڻ واري ڪم کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايندڙ پوليو مهم دوران دادو ضلعي ۾ ٻارڙن کي پوليو جي بچاءَ کان ڦڙا پياري سڄي عمر معذور ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو. ان ڪم کي يقيني بڻائڻ لاءِ مائيڪرو پلان تحت ڪم ڪيو ويندو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سڀني شرڪت ڪندڙ آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته پوليو مهم دوران ضلعي انتظاميه ۽ ٻين کاتن جو صحت کاتي سان هرممڪن سهڪار ڪن ته جيئن پوليومهم کي ڪامياب ٿئي ۽ روينيو عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو يوسي سيڪريٽرين سان گڏجي پوليو مهم دوران اوچتا دورا ڪن ۽ ڦڙن پيارڻ واري ٽيمن جي ڪم جي نگراني ڪن ۽ روزانو ڪارگردگي جي رپورٽ ڏين ۽ ڦڙن پيارڻ وارين ٽيمن کي ويڪسين ۽ انهن کي پوري ضلعي ۾ پهچائڻ جا ۽ انهن جي لاءِ حساس علائقن ۾ سيڪورٽي جا مڪمل انتظام ڪيا وڃن جنهن به يوسي علائقن ۾ ڊاڪٽرن ۽ هيلٿ ورڪرن جي ڪوٽ آهي ان کي فوري طور تي ڪوٽ کي پوروڪيو وڃي انهن کان ڪم ورتو وڃي ملازم ڪيترو به بااثر ڇونه هجي انهن کي ڊيوٽي ڪرڻي پوندي هن پوليو جي ڪم ۾ ڪنهن سان به رعايت نه ڪبي ڪوتاهي ۽ غفلت ڪندڙن خلاف سخت قانوني قدم کنيو ويندو ڊاڪٽرن ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن کان ڦڙن پيارڻ واري ڪم کي يقيني بڻايو وڃي هن وڌيڪ چيو ته دادو سميت جيئن تعلقن ۾ پوليو مهم دوران روينيوجا آفيسر يوسي سيڪريٽري جو عملو صبح کان شام تائين ڦڙن پيارڻ وارين ٽيمن سان رابطي ۾ هوندا آهيون ۽ سنڌن جائز مسئلن کي اوليت جي بنيادن تي حل ڪيو ويندو آهي ته جيئن پوليو مهم کي ڪامياب ٿي سگهي

بقايا 06 سنڌيار

جي انچارج منظور چانڊيو پوليس اهلڪارن امام بخش چانڊيو سڪندر چانڊيو ۽ الطاف چانڊيو هٿان مبينا سخت وحشياڻي تشدد ۾ ڪوما ۾ وڃڻ بعد ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ فوت ٿي ويل نوجوان فرزند رند سان انصاف لاءِ وارثن، برادري جي ماڻهن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين پاران ڪوٽو موٽو چوڪ تي لاش رکي ڌرڻو هڻي نوجوان مٿان تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن مٿان ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف ڪوٽو موٽو چوڪ تي وارثن جو شاميانه هڻي روڊ بلاڪ ڪري 5 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن ڪائونسلر محمد ياسين رند، طارق رند، ڪامريڊ نصيراحمد سيلرو، مسمات سرداران، مسمات منظوران، مسمات نظيران سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهيندي چيو آهي ته اسان جي نوجوان فرزند رند کي سي آءِ اي پوليس انچارج منظور چانڊيو پوليس اهلڪارن امام بخش چانڊيو سڪندر چانڊيو ۽ الطاف چانڊيو سميت

لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو آهي ته نوجوان فرزند رند جي قتل جو ڪيس سي آءِ اي انچارج منظور چانڊيو پوليس اهلڪار سڪندر چانڊيو الطاف چانڊيو سميت ٻين ملوث پوليس اهلڪارن مٿان داخل ڪري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي. ياد رهي ته ٻه هفتا اڳ سي آءِ اي انچارج قمبر اي سيڪشن ٿاڻي جي حد قبو سعيد خان روڊ تي پنهنجي سنوڪر ڪلب جي دڪان تي ويٺل نوجوان فرزند رند کي بنا جواز بيگناهه گرفتار ڪري قمبر سي آءِ اي ٿاڻي تي کڻي وڃي سخت وحشياڻو تشدد ڪري مرڻينگ ڪري ڇڏيو هيو جنهن کي وارثن علاج لاءِ لاڙڪاڻي چانڊڪا اسپتال ڪٺائي ويا لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرن لاعلاج ڪيو هيو جنهن بعد وارثن سخت زخمي ٿيل نوجوان فرزند رند کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ جناح اسپتال ڪراچي ڪٺائي ويا هئا جتي ڪجهه ڏينهن کان زيري علاج هيو جناح اسپتال ڪراچي ۾ نوجوان فرزند رند زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي. هوڏانهن ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند، ايس ايڇ او اي سيڪشن انور بروهي سميت ٻين مظاهرين سان ڳالهيون ڪري انصاف جي يقين ڏياڻي ڪرائي 5 ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا 07 سنڌيار

ويا جڏهن ته نورالله پنهل سخت زخمي ٿي پيو زخمي ۽ فوتين جي مڙهه کي سول اسپتال سجاول آندو ويو جتان نورالله پنهل جي نازڪ هجڻ ڪري وڌيڪ اعلاج لاءِ ڪراچي روانو ڪيو ويو. اهڙي افسوس ناڪ حادثي جو ٻڌي ڊي سي سجاول عبدالواجد شيخ، ايس ايس پي شهلا قريشي، ڊي ايس پي انچارج عبدالحق، ايس ايڇ او قربان قمبراڻي ۽ ٻيا سوين شهري اسپتال پهچي ويا، بي پاسي شهرين جو چوڻ آهي ته ٺيڪيدار جي سستي جي ڪري سالن کان روڊ مرمت نه ٿيڻ سبب روڊ حادثا ٿين ٿا. جنهن ۾ ڪافي جانيون ضايع ٿي ويون آهن

بقايا 08 سنڌيار

پر پارٽي جي ضلع دادو قيادت اسان ۽ اسان جي اولاد کي ڪابه سرڪاري نوڪري نه ڏني آهي. هن پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان مطالبو ڪيو ته قرباني ڏيندڙ ورڪرن کي نوڪريون ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا 09 سنڌيار

سٽي ٿاڻي بي سيڪشن ٿاڻي وومين ٿاڻي تعلقا ٿاڻي شيخ پرڪيو ٿاڻي ۽ مددگار 15 جو پڻ دورو ڪيو. سمورن ٿاڻن جو رڪارڊ سمير صفائي سٿرائي جو پڻ جائيزو ورتو. منشيات فروشن کي هرگز برداشت نه ڪبو: ايس ايس پي سيد سليم شاهه. ڪو به پوليس اهلڪار يا آفيسر غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث رهيو ته ان خلاف ڪاروائي ٿيندي ايس ايس پي خبر موجب ايس ايس پي سيد سليم شاهه پاران ٽنڊو محمد خان ضلعي جي مختلف ٿاڻن سٽي ٿاڻي بي سيڪشن ٿاڻي وومين ٿاڻي تعلقا ٿاڻي شيخ پرڪيو ٿاڻي سميت مددگار 15 جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي سمورن ٿاڻن جي اسٽاف سان ملاقات ڪئي صفائي سٿرائي مال خاني رجسٽرڊ رغيره جو جائيزو ورتو ۽ اهم ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ان موقعي تي ايس ايس پي پاران ٿاڻن جي وزٽ دوران سمورن موجود ايس ايڇ اوز ۽ موجود اسٽاف کي سختي سان هدايت جاري ڪئي ته منشيات ۽ سماجي براين کي عام ڪندڙن کي هرگز برداش نه ڪبو فورن منشيات فروشن خلاف بنا دير ڪاروايون ڪيون وڃن ۽ منشيات تي ڪابه ڪمپرومائيز ناهي انهن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ان چيو ته تمام پوليس جوانن ۽ آفيسرن جا جيڪي به مسئلا مسائيل آهن اهي منهنجي آفيس مين او ان اردلي روم ۾ پيش ٿي سگهن ٿا جن جا مسئلا فوري طور تي حل ڪيا ويندا ان چيو ته اگر ڪو پوليس اهلڪار پوليس آفيسر ڪنهن به غير قانوني سرگرمين منشيات فروشن سان ملوث نڪتو ته ان جي خلاف بنا دير ڪاروائي عمل ۾ آڻبي ان چيو ته ٿاڻي ۾ ايندڙ هر مسڪين غريب مظلوم ۽ ڏاڍ جي ستايل سائلين سان بهترين سلوڪ رکيو وڃي ان جا مسئلا مسائيل ٻڌي فورن بنا دير حل ڪيا وڃن ان وڌيڪ چيو ته دوران سنيپ چيڪنگ عوام سان بهترين سلي خوش اخلاق سان سلوڪ رکيو وڃي ان چيو ته خصوصن وڏي عمر جي ماڻهن ۽ عورتن سان عزت ۽ خوش خيال نرمي سان پيش اچو ۽ انهن جو حد کان وڌيڪ خيال رکيو وڃي ان موقعي تي ڊي آر او ممتاز خاصخيلي ۽ ڊي ايس پي محمد خان زنئور پڻ موجود هئا

بقايا 10 سنڌيار

پيو وڃي. اڪثر ڏنو ويو آهي ته ڪنهن به حڪومت جي وڃڻ کان پوءِ ان حڪومت پاران منظور ڪيل ترقياتي ڪم بند ٿي ويندا آهن. پر اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري پنهنجي پنجن سالن جي دور ۾ جيڪي رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن، اهو عوام لاءِ هڪ وڏو تحفو آهي. خاص طور تي ساحلي پٽي ۾ پاڻي جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. انهي موقعي تي شهرين لطيف ٿئيو ۽ ٻين جوچوڻ هو ته ڪيٽي بندر جي عوام کي ٻهريون پيرو پيئڻ جو صاف پاڻي ملي ويو اهڙي طرح ڪيٽي بندر کي 15 سالن کانپوءِ بجلي ملي جڏهن ته گاڙهو شهر ۾ تيزي سان پيوربلاڪ ورڪ جو ڪم جاري آهي گاڙهو شهر برساتن ۾ پاڻي هيٺ اچي ويندو هو هاڻي محفوظ رهندو. گهوڙا باري ۾ جديد سهولتن سان گڏ 30 بسترن جي اسپتال جو ڪم مڪمل ٿي ويو آهي. عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪيا ويندا ۽ انشاء الله جيڪڏهن پارٽي هڪ ٻيو موقعو ڏنو ته حيدرآباد ٺٽو روڊ کي پڻ ڊبل ڪرائينداسين ته جيئن روڊ تي سفر ڪندڙ قيمتي جانيون بچي سگهن عوام پارٽي جي اعليٰ قيادت کي اپيل ڪئي آهي ته ايندڙ اليڪشن ۾ پڻ حاجي علي حسن زرداري کي گهوڙاباري تڪ سان صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وڃي

بقايا 11 سنڌيار

اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو هاشم مسعود آفيس بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر بدين اي سي آفيس ۾ واپاري تنظيمن جي اڳواڻن سان پڻ ملاقات ڪئي گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي جي ترقي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو تعليم ۽ صحت سميت سمورن کاتن ۾ اصلاحات جي ضرورت آهي. هن اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو کي هدايتون ڏيندي چيو ته روينيو کاتي ۾ ايندڙ ماڻهن جا جائز ڪم ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن

بقايا 12 سنڌيار

لاڪيرو ۽ يوٿ شهيد ڀٽو جي سابق مرڪزي چيف آرگنائيزر محمد علي ميرجت سنڌ ڪائونسل جي ميمبر محمد رمضان ڪماڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي شيري جناح ڪالوني ۾ مختلف پارٽين سان لاڳاپيل ۽ علائقي ۾ فلاحي الخدمت فائونڊيشن جي صدر وحيد ڪاڪڙ ڪميونٽي جدون هزار ڪميٽو ٿي سان گڏ علائقي جي مختلف ماڻهن پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي چيئرمين قائد شهيد ميرتضيٰ ڀٽو ۽ چيئرپرسن غنويٰ ڀٽو تي مڪمل اعتماد ڪندي پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ۾ شموليت اختيار ڪئي جنهن کي خطاب ڪندي مئين اڳواڻن چيو ته پاڪستان کي سياسي جماعتين بلڪل تباهه ڪري ڇڏيو آهي منهنگائي بيروز گاري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پيٽرول قيمتون وڌڻ سان روز مره جي زندگي استعمال جون شيون جا اگهه وڌائڻ سان مظلوم عوام روز ڪمائڻ وارڙ عام ماڻهو جي زندگي گذارڻ عذاب بڻجي ويو آهي پاڪستان حڪمراني ناڪامي کا شيءِ

ناهي هتي سڀ ادارن ڪريشن ڪرڻ ۾ رڌل آهن حڪومتي ادارا ماڻهن سهولت ڏيڻ ماڻهن کي جاتي واٽي پريشان ڪري رهيا آهن شيرين جناح جا رهواسي بنيادي سهولتن کا محروم آهن پاڻي گيس بجلي روڊ رستا ويران ٿيل آهن ڊرينيج جو سسٽم بلڪل تباهه ٿيل آهي ايجوڪيشن صحت جي ڪا سهولت مجود نه آهي تنهنڪري ڪري اسان حڪمرانن مان گهر ٿا ڪريون ته شيرين جناح ڪالوني جي رهواسين جا سڀ مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ علائقي جي ماڻهن کي اها اپيل ڪئي ته هاڻي ووٽ جو استعمال صحيح ايماندار نمائندن کي ڏين ۽ چورن آصف زرداري ۽ ان جي ٽيم نواز شريف شهباز شريف ان جي ڪرپٽ ٽولي کي گرفتار ڪري انهن کي سخت کي سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 13 سنڌيار

ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي معصوم ٻارڙن ڦرقان پاڪ هٿن ۾ کڻي ان جو ورد ڪري رهيا هئا ڳوٺ کي امڪاني طور تي ڊاهڻ خلاف قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي ايس ٽي پي جي اڳواڻن رجب مگسي اي اين پي جي محمود مسعود جماعت اسلامي جي نصر الله شيخ ڊاڪٽر امتياز پالاري ڪراچي سوشل فورم جي پنهل لاڙڪ ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي مقرر ٿيل ناظر طرفان پهچي ڪري نور محمد برفت ڳوٺ جو معائنو ڪيو جڏهن ته احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪرڻ بنا واپس روانو ٿي ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن اڳوٽو يوسي چيئرمين نور محمد برفت صفدر علي ابڙو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته نور محمد برفت قديمي ڳوٺ آهي جيڪو 63 ايڪڙن تي مشتمل آهي هن ڳوٺ ۾ چار هزار کان وڌيڪ گهر ٺهيل آهن مگر بلڊر مافيا جا ماڻهو روينيو انڪروچمينٽ پوليس عملدارن کي ڪروڙين روپيا رشوت ڏئي جعلي رڪارڊ ٺهرائي هاڻي قديمي نور محمد برفت ڳوٺ کي ڊاهي هزارين آباد ٿيل رهواسين کي بي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ دانهيندي چيو ته اسان جي احتجاج کي اڄ 13 هون ڏينهن آهي عورتن معصوم ٻارڙن سميت بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري ويٺل آهيون مگر افسوس آهي جو حڪمران اسان جي دانهن ورنائڻ لاءِ تيار نه آهن هن وقت تائين اسان جي احتجاج جو ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي هنن چيو ته ڪورٽ پاران مقرر ڪيل ناظر به اسان سان ملي ڪري موقف معلوم ڪرڻ بجاءِ صرف ٻاهريان ٻيهي ڪري ڳوٺ جو معائنو ڪرڻ بعد واپس روانو ٿي ويو هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ جي نگران وڏي وزير ۽ چيف سيڪريٽري کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪندي ڳوٺ کي ليز ڪري مالڪانا حق ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 14 سنڌيار

ٻاڙي جي رهواسي محمد عمر ۽ مبين نالي همراهن تي بجلي بل بقايا ۽ بجلي چوري جو ڪيس داخل ڪرايو ويو. فرياد ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اسحاق ڪورائي ۽ محمد عمر ۽ مبين نالي همراهه بجلي جا بقايا بل جمع نه ڪرائڻ ۽ بجلي چوري ۾ ملوث آهن جنهن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن نئون ڪوٽ پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهيا آهيون جڏهن ته تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي.

بقايا 15 سنڌيار

۾ وڃڻ بعد ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ فوت ٿي ويل نوجوان فرزند رند سان انصاف لاءِ وارثن، برادري جي ماڻهن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين پاران ڪوٽو موٽو چوڪ تي لاش رکي ڌرڻو هڻي نوجوان مٿان تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن مٿان ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف ڪوٽو موٽو چوڪ تي وارثن جو شاميانه هڻي روڊ بلاڪ ڪري 5 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن ڪائونسلر محمد ياسين رند، طارق رند، ڪامريڊ نصيراحمد سيلرو، مسمات سرداران، مسمات منظوران، مسمات نظيران سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهيندي چيو آهي ته اسان جي نوجوان فرزند رند کي سي آءِ اي پوليس انچارج منظور چانڊيو پوليس اهلڪارن امام بخش چانڊيو سڪندر چانڊيو ۽ الطاف چانڊيو سميت ٻين پوليس اهلڪارن سخت وحشياڻو تشدد ڪري سخت زخمي ڪيو هو جنهن بعد نوجوان ڪوما ۾ ويو هو آهي ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي. ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ سنڌس وارثن آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽

بقايا 31 سنڌيار

ته ڊاڪٽرن کيس موٽائي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ جيئن ئي اسپتال جي گيٽ کان ٻاهر نڪس ته موٽر سائيڪل تي سوار ٻن پوليس اهلڪارن کيس روڪي موٽر سائيڪل تي ويهاري گڏاٿي ڦاٽڪ وٽ موٽر سائيڪل تان لاهي تلاشي ورتي کيسي مان پنج هزارن کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ موبائيل فون کسڻ بعد ڌمڪي ڏني ته ڪنهن کي به نه ٻڌائجا جيڪڏهن اسان خلاف ڪٿي به شڪايت ڪئي ته هاف فراءِ ڪري ڇڏينداسين متاثر شخص امان الله جوڻيجو ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڦريل رقم ۽ موبائيل فون واپس ڏياري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 سنڌيار

محفوظ ڪونه آهي جيڪو گڊ گورننس جي دعويدار حڪومت جي منهن تي چماٽ آهي. ڪائونسلر محمد حبيب جو رت اجايو نه ويندو قاتل ضرور پنهنجي انجام تي پهچندا چوڻ رب سائين وٽ دير ضرور آهي پر انڌير ڪونهي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سرجاني واري علائقي ۾ ڪنڊا مافيا هٿان شهيد ٿيندڙ يوسي 5 منگهو پير ٽائون جماعت اسلامي جي منتخب ڪائونسلر محمد حبيب جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت جي موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب دوران ڪيو صوبائي امير محمد حسين محنتي، ضلعي امير محمد يوسف ۽ اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا سميت مرحوم جو پٽ پاءُ ٻيا مٽ مائٽ پڻ موجود هئا. جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو ته جماعت اسلامي هردور ۾ هرظلم ۽ ظالم کي لڪاريو آهي. جماعت اسلامي جو جونڊيل ڪونسلر علائقي جي عوام سان هرمسئلي تي گڏ بيٺل رهيو جيڪا ڳالهه اڳوڻي صوبائي حڪومت جي سرپرستي ۾ قائم قبضاگيرن ۽ ڪنڊا مافيا کي پسند ڪو نه آئي ۽ جماعت اسلامي جي ڪائونسلر کي رستي تان هٽائڻ لاءِ شهيد ڪيو ويو پيپلز پارٽي سنڌ ۾ ڌاڙيلن، ظالم سردارن جي سرپرست ۽ هتي وري گادي واري شهر ۾ زمينن مٿان قبضا ڪندڙ قبضاگير مختلف سسٽم ۽ بجلي چوري ڪري ماڻهن کا پيٽا رنندڙ ڪنڊا مافيا جي ساٿاري بڻيل آهي. جماعت اسلامي اهڙن مڙني ڪردارن توڙي سرپرستن کي بي نقاب ۽ قانوني جنگ وڙهندي. هن گهر ڪئي ته جماعت اسلامي جي جونڊيل ڪائونسلر محمد حبيب جي قاتلن

بقايا 33 سنڌيار

ڊفينس ۾ رهندڙ سنڌس ڏي وٽ ست هزار روپيه پگهار تي پورهيو ڪرڻ لاءِ چيو اسان انهن تي ڀروسو ڪري حوالي ڪئي، ٻه هفتا گذرڻ بعد اسان کي اطلاع ڪيو ته توهان جي نياڻي گم ٿي آهي ڪراچي ۾ ڳولهي هٿ ڪريو جنهن کان پوءِ اسان ڪراچي پهچي ڪافي ڳولا ڪئي پر اجا تائين ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. هنن چيو ته اهڙي رپورٽ ڏڙو ٿاڻي

جا نوجوان نشئي بڻجي رهيا آهن. جڏهن ته نئي شهر ۾ منشيات جو ڪاروبار مافيا جي صورت اختيار ڪري ريو آهي، ڪيترائي منشيات فروش ارب پتي بڻجي ويا آهن. جڏهن ته نئي جي موجوده ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته هو هڪ بااثر شخص آهي، دنيا ۾ ڪا به اهڙي طاقت ناهي جو سنڌس اجازت کان